نئين سنڌي لئبرري نمبر ٣٦

چچ نامو

لکندڙ

مرزا قليچ بيگ

قيمت ٠-٥-٠

بلئوتسڪي پريس، حيدرآباد سنڌ.

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهہ اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

مهاڳ

قديم سنڌ جي تاريخ، هندو راجائن جي بابت ۽ عربن جي فتح تائين ٽن فارسي ڪتابن ۾ لکيل آهي. چچنامي، تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام پونيان ٻہ ڪتاب پهرئين تان ورتل هئا ۽ انهن ۾ گهڻو احوال نہ هو تنهنڪري چچنامي جو پهرين مون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو جو سرڪار ڇاپايو ۽ هاڻي ڪن دوستن جي فرمائش موجب مون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم سنڌ جي تاريخ جو مفصل احوال معلوم ڪن.

چچنامو اصل عربي ڪتاب تان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي. ۽ انهيءَ جو لکندڙ علي بن محمد ڪوفي جو اصل ڪوفي جو ويٺل هو پر پوءِ ٦١٣ هجري (١٢١٦ع) ۾ اچي اُچ ۾ رهڻ لڳو. مير معصوم شاهہ سکر واري پنهنجي سنڌ جي تاريخ ٩٩١ هجري (١٥٨٣ع) ۾ فارسيءَ ۾ لکي، جنهن ۾ مسلمان حاڪمن ۽ بادشاهن جو ذڪر آهي جو سندس وقت تائين آهي. انهيءَ کان پوءِ جو احوال ٻين ڪتابن ۾ لکيل آهي جئن تہ تاريخ طاهري، ارغون نامہ، ترخان نامہ، بيگلار نامہ. پڇاڙيءَ ۾ ١١٨٧ هہ (١٧٧٣ع) ۾ سيد علي شير قانع، ٺٽي واري تحفة الڪرام جو ڪتاب لکيو جو سندس وقت تائين آهي يعني ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي وقت تائين.

قليچ بيگ

حيدرآباد ٣٠ جولاءِ ١٩٢٣

اشارو — ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپيل آهي. پهريون ننڍو ڀاڱو فقط چچ جي راڄ تائين آهي. باقي ٻئي ڀاڱي ۾ اچڻو آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

چچ نامو

ديباچو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بيحد تعريف ۽ شڪرگذاري اُنهي وجود جي واجب آهي، جو پروردگار ۽ قدرت وارو ۽ گناهہ بخشيندڙ آهي، جو زمين ۽ آسمان جو بڻائيندڙ ۽ عالم جو سنڀاليندڙ آهي، ۽ جنهن هزارين لکين موافق ۽ مختلف صورتن واري مخلوقات عدم جي پردي مان وجود ۾ آندي ۽ هر هڪ کي هُن علحدي شڪل ۽ حرڪت ۽ مشغولي ڏني ۽ هر هڪ کي علحدو رنگ ۽ عادت عطا ڪئي ۽ هر هڪ جي لاءِ هن علحدو هنر ۽ علحدو ڌندو مقرر ڪيو ۽ هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي ڪم ۽ قسمت مان خوش ۽ راضي رکيائين.

۽ بي انداز برڪتون ۽ بيشمار صلواتون انهي بيخوف مهندار ۽ سڀني نبين ۽ ولين جي سردار کي جڳائن، جو قيامت جي ڏينهن سڀني گنهگارن جو شفاعت ڪندڙ آهي ۽ جنهن جي تعريف ۾ خدا تعالى جلشانہ پنهنجي پاڪ ڪلام ۽ سڳوري ڪتاب ۾ فرمايو آهي تہ ”تحقيق محمد خدا جو رسول يا پيغمبر آهي،“ ۽ جنهن جي شرافت ۽ بزرگيءَ جي

SOORIH SINDHI ADAB

ڏاھڪيءَ ۾ ھيئن فرمايائين تہ "طه، اسان توکي قرآن انھيلاءِ نہ
موڪليو آھي تہ تون نا خوش رھين." ھڪڙي حديث ۾
آھي تہ حضرت جبرئيل ھڪڙي ڀيري خدا کان ھيئنيون
پيغام حضرت صلعم جن وٽ آندو تہ "اي چوڏھين ءَ رات
جا چنڊ، تنھنجي پيدا ٿيڻ تي آئندي جي لاءِ پيغمبري
تمام ٿي. خداوند تعاليٰ تنھنجون سڀ مرادون ۽ خواھشون
پوريون ڪيون، تہ ھين تون ڇو ملول ۽ فڪرمند آھين؟
پڌاءِ تہ تنھنجي دل تي ڪھڙو بار آھي تہ توکي خوشخبري
ڏيڻ سان اُھو لاھيون." تنھن تي پاڻ فرمايائون تہ "اي ادا
جبرئيل، تحقيق ھو (يعني حضرت نوح يا ڪو ٻہ نبي)
شڪرگذار پانھو آھي، جو خدا جي سگهوري درگاھ مان
مون تي مھرباني ۽ شفقت جون ايتريون نشانيون نازل ٿيون
آھن، جو ھُن خلق کي رحمت جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ
ھيئن فرمايو تہ اي محمد، اسان توکي فقط ساري مخلوقات
جي لاءِ رحمت ڪري موڪليو آھي. ۽ ٻئي ھنڌ منھنجن
اصحابن کي منھنجي پيغمبري عطا ڪرڻ لاءِ فرمايو تہ محمد
خدا جو رسول آھي، ۽ جيڪي اُنھيجا اصحاب ۽ سنگتي
آھن، سي ڪافرن جي لاءِ خوفناڪ ۽ سخت آھن، مگر ھڪ
ٻئي جي لاءِ مھرباني ۽ مروت وارا آھن. ۽ ٽئين ھنڌ نبوت
جي خزاني تي مھر ڪرڻ لاءِ فرمايو تہ محمد خدا جو رسول
۽ نبين جي مھر آھي. ۽ چوٿين ھنڌ سڄن مومن جي

SOORIH SINDHI ADAB

خوشيءَ ۽ منافقن ۽ ڪافرن جي ڏپ لاءِ فرمايو ته اي نبي،
ڪافرن ۽ منافقن سان جنگ ڪر ۽ اُنهن تي سختي ڪر.
تنهنڪري جڏهن مونکي دين جو انتظام ۽ پيغمبريءَ جو ڪم
حوالي ڪيو ويو آهي، تڏهين مناسب آهي ته اسلام ۽ ايمان
جي روشنائيءَ سان ڪفر ۽ گمراهيءَ جي اونداهي هر طرف
ٽٽي ۽ نفاق ۽ جهالت جو بنياد پٽيو وڃي، ۽ اسلام جا
جهنڊا کڙا ڪيا وڃن ۽ هن دين جا قاعدا قانون پڪيءَ طرح
اهڙا قائم ڪيا وڃن، جهڙا دنيا جي اوائل زماني ۾ هئا، جن
کي وري ڪڏهين به ڪو نقصان نه رسي سگهي ۽ صداقت ۽
سچائيءَ جي گل کي ڪڏهين به ڪفر ۽ نفاق جي ڪنڊي
کان ڪو ايذاءُ نه پهچي سگهي." حضرت جبرئيل اِهو
جواب وٺي موٽي ويو ۽ سگهوئي وري اچي چيائين ته "اي
محمد صلي الله عليه وآله واصحابه اجمعين، خدا تعاليٰ توکي
سلام ۽ دعائون ڏنيون آهن. خدا تعاليٰ مونکي تازو هي حڪم
ڏنو آهي، جو مونکي پنجا آڻڻو آهي، ته اي محمد، تون
ڪنهنکي به هدايت ڪري نٿو سگهين ۽ پر خدا تعاليٰ جنهن
کي وڻيٿو، تنهنکي هدايت ٿو ڪري. اي محمد، جڏهين
اسين ڪنهن شخص کي پاڻ ڏي سڏ ڪندا آهيون، تڏهين هو
تنهنجي سڏڻ سان اسانجي درگاهه ۾ ايندو آهي، ۽ جڏهين
اسين ڪنهن کي پنهنجي درگاهه مان هڪاليندا آهيون،
تڏهين پيو ڪو به هنکي اسانوٽ موٽي آڻي نه سگهندو آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

جڏهين اسان آدم کي خلقيو، تڏهين اسان لاچيس ته آءٌ تنهنجو خدا نه آهيان؟ انهي وقت سڀني مقرر ڪيلن روحن خوشيءَ سان ورندي ڏني ته هائو، ۽ گوڏن ڀر جهڪي اسانجي هيڪڙائي قبول ڪيائون. اسين محمد صلي الله عليه و آله و سلم جي باد شاهت جي پانهن تي ۽ انهنجي راڄ ۾ ڏاڍي تجلي سان چمڪندا سين، انهيلاءِ ته اُنهي محبوب جي شفاعت جي ڪري اُهي اسلام جي شرف سان مشرف ٿين ۽ جيڪي اسانجي نا فرماني ڪندا ۽ انهي لاءِ عذر ۽ بهانا ڪندا، تنکي اسين ڪافر ۽ گمراهه بڻائيندا سين، جو اسان اهڙو حڪم جاري ڪيو آهي ته "ڪافرن ۽ منافقن سان جنگ ڪريو" ۽ اهڙو به اشارو ڪيو اٿئون ته "جتي ڪٿي اوهين کي بت پرست ڏسو، اُتي اُنهن کي قتل ڪريو."

هاڻي خراسان، عجم، عراق، شام، روم ۽ هند جي فتحن جو بيان لکندا سين ۽ انهنجي ياد گيري زماني ۾ قائم رهندي. ۽ حقيقت جي پوري خبر خدا کي آهي.

قباچه السلاطين ڏي اشارو.

هن عمدي احوال ۽ مزي جهڙي تاريخ لکڻ جو اتفاق اهڙي وقت ٿيو، جڏهين اسلام جي وڏي باد شاهت ۽ خدا جي ملڪن جو سڳورو باد شاهه غازي ۽ خدا جي پانهن جو حامي ۽ خدا جي مخلوق جو مدد گار، ڪفر ۽ گمراهيءَ جو ناس ڪندڙ، دين ۽ ايمان جو قائم ڪندڙ،

دنيا جي اوليائن جو بچائيندڙ، بني آدم جي قومن جو فتح ڪندڙ، دين ۽ دنيا جو فخر، اسلام ۽ مسلمانن جو سنڀاليندڙ، زماني جو مکيه ماڻهو ابوالمظفر محمد بن سام ناصر اميرالمومنين (جنهنکي شل خدا بخشي ۽ سندس قبر کي بهشت بنائي) تنهنکي وڏي ۽ زبردست بادشاه، خدا جي خليفي ۽ انسان ذات ۾ شرف واري، خلافت جي مسند جي باني، دين ۽ دنيا جي مددگار، اسلام جي جهنڊن جي فخر، دشمنن ۽ فسادين کي فتح ڪندڙ، ابوالفتح نباچه، السلاطين اميرالمومنين جي وڏي شهنشاهت جو شرف تازو حاصل ٿيو هو. هنجي تخت تي وهڻ تي حڪومت جو انتظام جدا جدا قومن جي طاقت سان مضبوط ۽ قائم ٿيو ۽ هنجي امر ۽ نهي وارن حڪمن جي تابعداري دنيا جي جدا جدا پاڳن ۽ ملڪن ۾ پوريءَ طرح ٿي ويئي. هنجي راڄ ۾ سڀ فسادي ۽ باغي ماڻهو ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا ۽ نيڪ ۽ صالح ۽ پرهيزگار ماڻهو امن ۽ امان سان حياتي گذارڻ لڳا. خدا تعاليٰ جا شڪرانا آهن، جو ملڪ ۽ بادشاهت جو بند وبست اهڙو عمدو آهي، جو هر طرف آسمان ۽ زمانو سندس مددگار آهي، ۽ سارو ملڪ ۽ بادشاهي هنجهانس راضي ۽ خوش آهي. (شعر جو مضمون) اي بادشاه، شل اها بادشاهت تو لاءِ سداڳي ٿئي ۽ شل ساري دنيا تنهنجي حوالي ڪئي وڃي! تنهنجي هوندي ظلم ۽ بي انصافي

گمرتي ويئي آهي، ۽ تنهنجي مدد سان شل عدل ۽ انصاف جو
بنياد پڪو ٿئي! تنهنجي نالي ڀوڻ سان خطبن جو شرف
زياده ٿيو آهي، شل ساڳيءَ طرح ورهيه ۽ مهينا به اهو شرف
حاصل ڪن. جيڪي جمشيد بادشاه جي زماني ۾ موجود
ڏي نٿي سگهيو، سو شل تنهنجي حڪم ۽ مهر هيٺ رهي!
شل تنهنجي وڏائيءَ جو ڇٽ خدا تعاليٰ جي ڇاڄي هيٺ
رهي! جنهن دل ۾ تنهنجي نسبت خراب خيال هجن، سا
شل محبوبن جي زلفن وانگي پريشان ۽ منجهيل هجي!
جيستائين هن دنيا ۾ گهٽي ۽ ٿوري جو حساب هلندڙ
هجي، تيستائين شل تنهنجا دوست ۽ خير خواه گهڻا
هجن ۽ تنهنجا دشمن ۽ بدخواه ٿورا هجن!

شال وڏو بادشاه پنهنجي ملڪ جو انتظام ۽ پنهن
جي بادشاهت جو تحمل هميشه قائم رکي، ۽ شال اُهو هميشه
هن بادشاهت جو بندوبست مضبوط رکي، ۽ هن دولت جي
عمارت کي، زماني جي اتفاقن کان ۽ آسماني مصيبتن کان
بچائي! شال قيامت تائين سندس لقبن ۽ خطابن سان
سندس خطبا ملڪ جي منبرن کي سينگاريندا رهن ۽
سندس مُهر سڪن کي سينگاريندي رهي! شال سندس
عالمگير وڏائيءَ جو سج ۽ سندس بادشاهيءَ جو جنب
ڪماليت ۽ وڏائيءَ جي اُفق کان، محمد صلعم ۽ سندس
آل ۽ اصحابن جي برڪت سان، جيسين زمين هڪ هنڌ
بيهل ۽ آسمان چوڏاري ڦرندڙ هجن، تيسين اُپرندو رهي!

هن ڪتاب جي تصنيف جو سبب.

هن ڪتاب هند جي تاريخ ۽ سنڌ جي فتح جو
لکندڙ علي ڪوفي بن محمد بن علي بن حامد بن ابوبڪر
ڪوفي، گھڻي عرصي تائين فرحت ۽ آرام ۾ رهي دنيا
جي عيش عشرت ۾ پنهنجي حياتي گذاريندو هو. پر
زماني جي گردش کان هن پنهنجو وطن ڇڏي ڏنو، ۽ اُچ
اُچ جي پاڪ شهر ۾ رهڻ لڳو، ۽ اُتي ڪي ڏينهن آرام ۾
گذاريائين. وري خدا جو جيڪو حڪم آيل آهي ته ”اسين
ماڻهن ۾ ڏينهن هڪبئي پٺيان پيا ڦيرايون،“ تنهن موجب
تقدير خوشيءَ جو شربت ڦيرائي ڏک جو زهر ڪيو. اُنهي
هند رهڻي لکندڙ کي ڪيترائي سک ماڻڻا پيا ۽ اُنهي
کان پوءِ زماني جي گردش کان ڏک ڏسڻا پيا. سنه ٦١٣
هجري ۾ اٺونجاهه ورهين جي عمر ۾ هو پيا سڀ ڏندا ڇڏي
عمدا عمدا ڪتاب مطالع ڪرڻ لڳو. هن خيال ڪيو ته
جڏهين اڳيئي هن جي دل تي هر علم ۽ حڪمت جي
علحده مضمونن مان ڪي ڪاجھ لکيل آهي ۽ جڏهين
وقت جي عالمن ۽ فاضلن پنهنجي پنهنجي زماني ۾
ڪا تاريخ يا ڪو بيو ڪتاب پنهنجن مربين ۽ ڏڻين
جي مدد سان لکيو آهي ۽ پنهنجي پٺيان اهو يادگار
ڇڏيو آهي، جيئن ته خراسان ۽ فارس ۽ روم ۽ شام جي فتح
بابت گذريل وقت جي مصنفن نظم ۽ نثر ۾ لکيو آهي ۽

جڏهين محمد قاسم عرب ۽ شام جي سردارن جي
هندستان فتح ڪرڻ، انهي ملڪ ۾ اسلام جي پکڙڻ،
سنڌ کان وٺي ڪشمير ۽ قنوج تائين مسجدن ۽ منبرن
جي جوڙڻ ۽ انهي وڏي امير جي هٿان راءِ ڏاهر جي ولد
سلائج الور شهر جي رهندڙ جي مارجڻ ۽ انهي ساري
ملڪ ۽ انسان واسطي رکندڙن پاڻ جو محمد بن قاسم
بن عقيل ثقفي رحمة الله عليه جي قبضي ۾ اچڻ جو بيان
اڄا دنيا ۾ ڪنهن کي معلوم ناهي، تڏهن پاڻ اها تاريخ
لکي ۽ اهو سڀ احوال بيان ڪري. انهي مراد ۽ دل جي
شوق سان آءٌ پاڻکي تڪليف ڏيڻ لڳس ۽ سگهوري شهر
اچ مان نڪري الور ۽ بکر شهرن ۾ آيس، جتي جا مکيه
رهاڪو عربن جي اولاد مان آهن. جڏهن آءٌ الور ۾ پهتس
تڏهن آءٌ پنهنجي آقا ۽ وڏي امام ۽ عالم ۽ فاضل قاضي
اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب
بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شهاب الدين
بن عثمان ثقفي جي خدمت ۾ ويس، جنهنکي ۽
جنهنجي وڏن مائٽن کي شل خدا بخشي ۽ محمد ۽
سندس آل جي برڪت سان شل سنڌن يادگيري قائم
رکي. اهو فصاحت ۽ بلاغت ۾ ۽ فارسي علم ۽ حڪمت ۽
هنر ۾ لاثاني هو. انهي مونکي هدايو ته انهي فتح جو بيان
سنڌس وڏن عربي ۾ لکيو آهي، جو کيس موروثي طرح

هڪ ٻيو ٻنيان مليو آهي، پر اهو عربيءَ ۾ آهي، تنهنڪري ايران ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن کي انهيءَ جي خبر ڪانهي.

ڪتاب جو ترجمو.

جڏهين مون اُهو ڪتاب مطالعو ڪيو، تڏهين ڏٺم ته اُهو ڏاهپ جي جواهرن ۽ اخلاق جي موتين سان ڀريل هو. عرب ۽ شام جي ماڻهن جي همت ۽ بهادريءَ جا ڪم انهي ۾ لکيل هئا ۽ عقل ۽ ڏاهپ جا مثال انهي ۾ بيان ڪيل هئا. انهيءَ جي پڙهڻ مان معلوم ٿي سگهيو ٿي ته جيڪو به قلعو فتح ٿيو هو، سو ڪيترن ئي سوڀن جو سبب هو، ۽ جنهن جنهن پرڳڻي کي اسلام جو شرف حاصل ٿيو هو، تنهن ۾ مسجدون ۽ منبر ٺهي ويا هئا ۽ خدا ترس ۽ ديندار ماڻهو انهي ۾ موجود هئا. بلڪ اسان جي زماني تائين انهي ملڪ ۾ ڏاڍي اسلام جي خوبي ۽ سچائي ۽ علميت ۽ ايمانداري وڌندي آئي آهي، ۽ وقت بوقت مسلمانن حاڪمن جي ڪوشش سان حڪومت ۽ بادشاهي قائم ۽ مضبوط ٿيندي آئي آهي، ۽ اسلام جي آرسيءَ تان غفلت ۽ گمراهيءَ جي ڪٽ لهندي صفا ٿيندي آئي آهي.

ڪتاب جي نسبت وزير اعظم سان.

جڏهين اهو ڪتاب عربي ٻوليءَ مان فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ انهي ۾ نثر جي عبارت نيڪي ۽

دينداريءَ جي زيورن سان سينگاري ويٺي، تڏهين آءٌ پنهنجي
دل ۾ ويچار ڪرڻ لڳس ۽ سمجهيم تہ هيڙو فتح جو عمدو
ڪتاب وزير جي نوڪرن جي لاءِ جڳو ۽ نئون تحفو
ٿيندو، جو انهيءَ ڪري منهنجو بخت جاڳندو ۽ مونکي
سک حاصل ٿيندو. مون پاڻ کي چيو تہ گهڻن ورهين کان رت
پئي ڪئي اٿم تہ صاحبقران جو وزير، جو جهان جو وزير
۽ بادشاهہ جو ٻاُن ۽ مُلڪ ۽ ملت جو مددگار ۽ قلم ۽ ترار جو
صاحب آهي، تنهنجي مهرباني هٿ ڪريان ۽ انهيءَ کي
پنهنجو مربي بنايان، ۽ اهڙي ڪوشش پئي ڪئي اٿم تہ
هن جي احسان ۽ سنڀال جو پاڻ کي لائق بنايان، ۽ جڏهين
هن جا ۽ هن جي اولاد جا احسان منهنجي گردن تي بي انداز
آهن، تڏهين هي ڪتاب نذرانو ڪري انهيءَ جي پيش
ڪريان، جو اهو فتح جو ڪتاب آهي ۽ ديني ۽ دنيائي خوبيءَ
تي پڌل آهي ۽ جنهن تي جيڪر سڀ بادشاهہ ۽ پڙهيل
حڪيم فخر ڪن، ڇالاءِ جو عرب جي ماڻهن جي مذهب
سچي چاڙڻ سان ۽ انهن جي عمدن اُصولن جي مڃڻ سان
سڀيئي ماڻهو ڪماليت کي پهچي ٿا وڃن. انهي فتح جي
ڪتاب ۾ عرب ۽ شام جي ماڻهن جي بهادريءَ جا ڪم بيان
ڪيل آهن، تنهنڪري اُهو آءٌ هن وڏي شريف خاندان کي
نذر ڪري ڏيان جو عرب خاندان جي اولاد ۽ پيڙهيءَ مان
آهي، ڇالاءِ جو اڳوڻي وقت ۾ خراسان ۽ عجم انهي خاندان

جي وڏي ڏاڏي ابوموسيٰ اشعري فتح ڪيو هو، جو هڪڙو وڏو امير ۽ عرب سردارن جو فخر ۽ قريشي خاندان جو مهندار ۽ انسان ذات جو مذهبي هادي هو. ڪيترائي ڪتاب لکيل موجود آهن، جنهن ڏيکاريل آهي ته هو لشڪرن جو سپهه سالار هو. جتي ڪٿي ڪافرن کي ڪا شڪست پهتي آهي، اُتي هنجي وڏن اسلام جا جهنڊا پٽي کڻيا آهن، چڙ ته اهو سندس موروثي حق ۽ شرف هو. اهو هنن جي فتحن جو بيان متي اميرالمومنين حضرت عمر بن خطاب رضہ تائين ٿو وڃي، جنهن عام طرح تقرير ڪندي هنجي وڏن جي حسن خدمتيءَ جي تعريف ٿي ڪئي. تنهنڪري لازم هو ته هن ڪتاب جي نسبت انهي عاليشان، دنيا ۽ دين جي فخر وزير اعظم حسين بن ابوبڪر بن محمد اشعري سان ڪئي وڃي. شال خدا تعاليٰ ايستائين هنجو اقبال قائم رکي، جيستائين رات ۽ ڏينهن هڪٻئي پٺيان پيا اچن ۽ تارا مٿي پيا چمڪن ۽ دنيا ۾ علائدا رستا جاري هجن، ته من هو مهرباني ڪري انهي ڪتاب ڏي نهاري ۽ پڙهي ۽ قبول ڪري، جو انهيڪري اهو دنيا جي وڏين شين مان شمار ڪيو ويندو.

عذر جو عرض.

اگرچه مون ۾ اهڙي طاقت ناهي ته علم ۽ حڪمت جو ويس ڍڪي اهڙي عقل ۽ علم واري درگاهه جي اڳيان اچي

بيهان، تڏهين ته پنهنجي جڳي نصيب جي سَنَد تي ۽ ساٿا
جي مدد سان آءٌ انهي مٿانهين هنڌ اچي پهتس ۽ انهي سردار
جي حق ۾ دعا ۽ تعريف ڪرڻ جي تياري ڪيم، جنهنجي
نسبت وقت جي وڏن عالمن ساراهه پئي ڪئي آهي ۽ جنهن
جي حق ۾ دعا ڪرڻ لاءِ وڏن حڪيمن ۽ عاقلن هٿ پئي
کنيا آهن. هي پاڻهو علي ڪوفي پنهنجو فرض ڄاڻي سچيءَ
دل سان دعا ٿو ڪري ته شل هي خوشي ۽ سک جو باغ فضل
۽ ڪرم جي مينهن ۽ صاف پاڻيءَ سان تازو رهي ۽ وڏائي ۽
اقبال جي چانڊوڪيءَ سان سائو ۽ ميوه دار رهي. اهو جو
قول آهي ته تحقيق خدا تعاليٰ پنهنجن ٻانهن ۾ ٿو لئي ۽
سڀڪان عمد ۽ سمر آخرت جو آهي، تنهنجي سچائي ۽ ڀورائي
هن مضمون سان لاڳو آهي، جنهن بابت لکندڙ ذڪر پئي
ڪيو آهي ۽ جو اهڙو ضروري آهي جو انهيءَجو بيان هزار مان
هڪڙي ۽ انبار ۾ داڻي برابر به ناهي. جيڪي هن ڪان تي
سگهيو آهي، سو هو نذر ڪري ٿو، ۽ اميد ٿو رکي ته هي
خسيس ذرو عالي درگاهه ۾ قبول پوندو، جو انهي ڪري
هي فتح جو ڪتاب زماني جي دفتر تي دنيا جي پڇاڙيءَ
تائين، قائم ۽ يادگار رهندو. خدا توفيق وارو آهي.

هند ۽ سنڌ جي فتح

راءِ ڏاهر ولد چچ ولد سلائج جو محمد قاسم جي هٿان مارجڻ جو بيان

تاريخ لکندڙن هيٺين طرح بيان ڪيو آهي ته الور جو شهر هند ۽ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. انهيءَ ۾ ڪيتريون ئي عاليشان عمارتون ۽ ڪوٽ ۽ باغ ۽ چشما ۽ نهرون ۽ ٻيون ۽ وڻ هوندا هئا ۽ اهو مهراڻ نالي نديءَ جي ڪناري تي هوندو هو. انهيءَ خوبصورت وڏي شهر ۾ هڪڙو راجا رهندو هو، جنهن جو نالو سهرس ولد ساهسي راءِ هو. هن راجا وٽ بي انداز خزانا هئا. هن جو عدل ۽ انصاف دنيا ۾ مشهور هو ۽ هن جي شجاعت ۽ سخاوت جي تعريف چوڌاري پکڙيل هوندي هئي. هن جي بادشاهت جون حدون هي هيون: ايرندي ڏي ڪشمير جي حد تائين، الهندي ڏي مڪران تائين، ڏکڻ ڏي سمنڊ جي ڪناري ۽ ديبل تائين، ۽ اتر ڏي ڪُردان ۽ ڪيڪانان جبل تائين. هن پنهنجي بادشاهت ۾ چار حاڪم يا نائب مقرر ڪيا هئا: هڪڙو برهمن آباد ۾ ۽ انهيءَ جي حوالي نيرون جو ڪوٽ ۽ ديبل، لوهاڻا، لاکا، سما ۽ درياهه جڏيل هو. ٻيو سيوستان جي شهر ۾، جنهن جي حوالي ٻُڌيا، جِنگان ۽ روجهاڻ جي ٽڪرين جي آس

پاس وارو ملڪ هو، مڪران جي حد تائين. تيون اسڪندہ جي قلعي ۾ ۽ انهيءَ جي هٿ هيٺ باٻير، سوارہ، جاجهور ۽ ڏنوڏ جا لاڳو ۾ ڳڻيا هئا. ۽ چوٿون ملتان جي شهر ۾ ۽ انهي جي هٿ هيٺ سِڪَر، ڪرود، اشتهر ۽ ڪِيهَ، ڪشمير جي سرحد تائين هئا. راجا پاڻ الور جي شهر ۾ رهندو هو ۽ ڪردان، ڪيڪانان ۽ برهمس خود پنهنجي حوالي رکندو هو. انهن نائبن کي حڪم هو ته هو لشڪر ۽ هٿيار ۽ گهوڙن جا ساز تيار رکن ۽ ملڪ جي ۽ انهيءَ ماڻهن جي پوري سنڀال رکن ۽ سرڪاري عمارتن جي مرمت ڪندا رهن ۽ جيڪي جاگيردار ۽ مدد ڪرڻ وارا آهن تنکي خوش رکن. هنجي ساريءَ بادشاهت ۾ اهڙو فساديِ ماڻهو ڪو نه هو، جو حڪم جي نافرماني يا بغاوت ڪري يا جيڪي حدون مقرر ڪيون ويون هيون، تنکان لنگهي.

خدا جي خواهش موجب هڪڙي پيري او ڇتو نيمروز ملڪ جي بادشاهہ سندس ملڪ تي ڪاهہ ڪئي ۽ ڪرمان ۾ گهڙي آيو. جڏهين راجا سهرس اها خبر ٻڌي، تڏهين هو پنهنجي وڏي لشڪر سان راور جي قلعي مان نڪتو ته جلد جلد ڪوچ ڪري وڃي دشمن کي گڏجي. سگهوئي وڃي اُتي پهتو. سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ٻنهي طرفن جا بهادر سپاهي مارجي ويا. نيٺ فارس جي ماڻهن خدا تي ڀروسو رکي همت سان ڪاهہ ڪئي. راءِ سهرس جي لشڪر

شڪست کاڌي ۽ اُٿي ڀڳو. ڀرهد نامي ٺارڻ لاءِ راجا ٻاڻ ٻير
جهلي دشمن سان ٻيهي وڙهڻ لڳو، جيسين ڪ مارجي ويو.
فارس جو بادشاه موٽي نيمروز ڏي ويو ۽ راءِ سهرس جو پٽ
راءِ ساهسي پنهنجي پيءُ جي گاديءَ تي ويٺو ۽ سڀني هنکي
راجا ڪري مڃيو. جيڪي چار نائب سندس پيءُ مقرر
ڪيا هئا، سي سندس تابعداريءَ ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجا ملڪ
۽ خزانا هنجي پيش ڪيائون. ڏاڍي تجويز ۽ سياڻپ ۽
حشمت سان راءِ ساهسي سارو ملڪ پنهنجي حڪم هيٺ
آندو. رعيت ۽ ملڪ جا اصلوڪا رهاڪو صلح ۽ سانت ۾
گذارڻ لڳا ۽ سک ۽ آرام حاصل ڪيائون. راجا کي هڪڙو
حاجب يا ميرمنشي هو، جنهنکي رام سڏيندا هئا. هنکي
هرطرح جو علم هوندو هو ۽ ڏاڍي تجويز سان حڪومت جو
ڪم هلائيندو هو ۽ ڪوبه ڪيس اٽڪ يا مخالفت نه ڪندو
هو. سڀ امير ۽ مشير سندس مرضيءَ ۽ سياڻپ واري تجويز
پٺيان هلندا هئا. هو فصاحت ۽ بلاغت ۾ پڙهو ۽ راجا جو مٿس
اعتبار هوندو هو ۽ هميشه هنجي راءِ تي هلندو هو.

چچ ولد سلائج جو وزير رام جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ.

هڪڙي ڀيري جڏهين برهمن ميرمنشي رام پنهنجي
دفتر ۾ ويٺو هو ته وٽس هڪڙو برهمن سلام تي آيو ۽ سندس
ساراه ڪرڻ لڳو. وزير رام پڇڻ لڳس ته ”اي برهمن،
تون ڪٿان آيو آهين ۽ ڪهڙي ڪم لاءِ اچڻ جي تڪليف

ورتي اٿيئي؟" برهمڻ ورندي ڏنيس تہ "منهنجو نالو
چچ آهي ۽ منهنجي پيءُ جو نالو سلائج برهمڻ آهي. منهن
جو پاڻ جنب ۽ منهنجو پيءُ ڀرواڙيءَ جي هڪڙي مندر ۾
ٿا رهن، جو الور شهرسان لڳو آهي، ۽ راءِ ساهسي ۽ وزير رام
جي لاءِ دعائون گهرندا آهن. منهنجي دل ۾ آيو تہ آءٌ
اوهانجي ملاقات ڪريان، ۽ فصاحت ۽ بلاغت مان ڄڻونصيب
پيدا ٿيندو آهي ۽ مشڪلاتون حل ٿينديون آهن، تنهن
ڪري مون چاتو تہ اوهانجي نوڪري ڪريان." حاجب
رام چيس تہ "انهي ۾ شڪ ڪونهي تہ تون فصاحت ۽
بلاغت سان ڳالهائين ٿو، پر پڙاءِ تہ توکي قاعدي ۽ اخلاق جي
بہ واقفيت آهي يا نہ؟" چچ چيو تہ "هندو ڌرم جا چارئي
ڪتاب مون کي برزبان آهن. جي اجازت ڏيو تہ فصاحت
۽ بلاغت وارا ڪي انتخاب، جي هيسيتائين پڙهي ياد ڪيا
اٿم، سي پڙهي ٻڌايان. ائين ڪرڻ سان آءٌ پنهنجي سچائي
۽ ايمانداري بہ ڏيکاريندس."

هنن اجا پاڻ ۾ پئي ڳالهايو تہ ديبل جي پاسي کان ڪي
لکپڙهون راءِ ۽ نيڪال لاءِ پهتيون. مير منشيءَ اهي چچ
کي ڏنيون تہ پڙهي ٻڌائي. چچ اهي تمام چڱيءَ طرح پڙهي ڏيو
۽ انهنجا جواب بہ لکيائين، جنهن تمام عمدي عبارت ۽ عمدا
لفظ خوش خط لکي تيار ڪيائين. اهي ڏسي ۽ پڙهي رام
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چچ جي قابليت ۽ هشياريءَ جي تعريف

ڪرڻ لڳو. هنڪي ڏاڍي آبرو ڏنائين ۽ قيمتي تحفا انعام ڏنائين ۽ چيائينس تہ ”گهڻن ڪمن جو مون کي نيڪال ڪرڻو آهي. آءٌ راجا جي حضور ۾ وڃي لکپڙهہ جو ڪم بہ ڪندو آهيان ۽ پنهنجي عهدي جو ڪم دفتر ۾ بہ ڪندو آهيان، تنهنڪري آءٌ ڏاڍو مشغول رهندو آهيان ۽ پنهنجا فرض پوريءَ طرح ادا ڪري نہ سگهندو آهيان، تنهنڪري تون مونکي چڱي مدد ڏيئي سگهندين.“ چاچ اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ پنهنجي عهدي تي داخيل ڪار ٿيو. سگهوئي ملڪي لکپڙهن جي ڪم ۾ قابل ۽ واقف ٿي ويو.

هڪڙي ڏينهن راءِ ساهسي دربار ۾ آيو. شهر جا سڀ مکيہ ماڻهو ۽ امير ۽ سردار اُتي حاضر هئا. سيوستان جي پاسي کان ڪي خط آيا هئا، تنهنجي نيڪال لاءِ حاجب رام کي سڏايو ويو. پر هو اجا پنهنجي دفتر ۾ نہ آيو هو. چاچ چوائي موڪليو تہ آءٌ رام وزير جو زيردست مددگار آهيان. جي ڪي لکڻو هجي تہ آءٌ اچي لکي ڏيان ۽ لکپڙهون نيڪال ڪريان.“ راجا ساهسيءَ هنڪي سڏايو. جيڪي خط آيا هئا، سي چاچ تمام چڱيءَ طرح گذارش ڪيا ۽ انهنجو مطلب پوريءَ طرح سمجهايائين ۽ پوءِ عمدن اکرن ۽ عمدي عبارت ۾ انهنجو جواب لکيائين ۽ اُهي مطالع ۽ پسنديءَ لاءِ راجا جي پيش ڪيائين. راجا کي خوش خطي ۽ عمدي نوشتخواند گهڻو وڻندي هئي. تنهنڪري چاچ جا لکيل ڪاغذ

ڏسي ۽ پڙهي ڏاڍو خوش ٿيو. خلعت ۽ انعام ڏنائينس ۽ رام
جو نائب به پڪيءَ طرح مقرر ڪيائينس. انهيکان پوءِ
جڏهين حاجب رام راجا وٽ سندس محلات ۾ ويو، تڏهين
راجا پڇيس ته "تو اهو نائب ڪٿان آندو آهي؟ ڏاڍو هشيار
ماڻهو آهي. ڳالهائي به چڱو ٿو. هن تي مهرباني ڪندو
رهجو." وزير رام چيو ته "هو سلائج برهمڻ جو پٽ آهي
۽ ايماندار ۽ آزمودگار ۽ چالاڪ ماڻهو آهي." جڏهين
حاجب رام ڏٺو ته راجا ڇوڪر تي مهربان آهي، تڏهين هن
انهيکي خود پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ۽ انهيکان پوءِ هو
سندس حاضريءَ يا غيرحاضريءَ ۾ سندس عهدي جو سارو
ڪم هلائيندو هو. انهيءَ طرح ڇوڪرکي سرڪاري ضروري
ڪمن جي نيڪال ڪرڻ جو چڱو موقعو مليو. جڏهين
ڪڏهين هنجو راجاجي حضور ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيندو هو،
تڏهين راجا انعام ڏيندو هوس ۽ خلعت يا ٻئي تحفي ڏيڻ
سان سرافراز ڪندو هوس ۽ همٿائيندو هوس ته هميشه پنهنجي
عهدي جو ڪم چڱيءَ طرح ڪندو رهي، جو انهي رستي
سندس بادشاهيءَ جو ڪم ڪار چڱيءَ طرح ٿيندو رهندو ۽
هو وڏي درجي جو حقدار ٿيندو. انهيءَ طرح راجا هنکي
انجام ڏيندو ۽ همٿائيندو رهيو. نيٺ خدا جي حڪم
سان حاجب رام جي حياتي پوري ٿي ۽ هو مري ويو.

چچ ولد سلائج وزيريءَ جي عهدي تي مقرر ٿئي ٿو.

انهيءَ اتفاق کان پوءِ راءِ ساهسيءَ چچ کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ وزيريءَ جي عهدي تي مقرر ڪيائينس. چچ ماڻهن سان ڏاڍي مروت ۽ مهربانيءَ سان هلڻ لڳو، جنهنڪري سگهوئي سندس حڪم ساري ملڪ تي هلڻ لڳو ۽ ماڻهو سندس تابعدار ۽ فرمانبردار ٿيڻ لڳا. وزيريءَ جو ڪم توڙي لکپڙهه جو ڪم تمام چڱيءَ طرح ڪندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن راءِ ساهسي پنهنجي محلات جي خانگي ڪمري ۾ پنهنجي راڻي سهنديو سان گڏ ويٺو هو. راڻيءَ جي راجا تي گهڻي هلندي هئي ۽ هن سان گڏ خوش گذاريندي آئي هئي. انهي وقت اتفاق سان چچ وزير محلات جي در تي آيو. راجا ڏي چوائي موڪليائين ته ڪنهن سرڪاري ضروري ڪم جو نيڪال ڪرڻو آهي، تنهنڪري جي فرصت هجي ۽ ڪيس اجازت ملي ته روبرو اچي احوال ڪري ته ڇا تي گذريو آهي. راجا پنهنجي راڻيءَ کي چيو ته ڏاريو ماڻهو ٿو اچي، سو تون نڪري پردي جي پٺيان وڃي ويهه. راڻي سهنديو چيو ته ”هيترا گهٽ درجي وارا نوڪر اندر رهيا اچن، جي هڪڙو برهمڻ اندر آيو ته ڪهڙي حرڪت آهي. جو منهنجي ڏانهنس رغبت ٿيندي ۽ جو مونکي هنڪان شرم ايندو، جو وڃي لڪان؟ شل منهنجون هزار حياتيون راجا ساهسيءَ جي پيرن جي

مٿي ۽ تان قربان ٿي وڃن." راجا اڪثر راڻيءَ جي مرضيءَ
جي برخلاف نہ هلندو هو، خاص جڏهين ڪنهن ڳالهہ تي
زور ڪندي هئي، ۽ اڪثر هنجي ناز نخرن تي لڳي
سندس مرضيءَ موافق هلندو هو. تنهنڪري هن چچ کي
اندر گهرائي ورتو، جنهن سرڪاري ڪاغذ گذارش ڪري
جهڪي چوڻو ۽ سمجهائڻو هو، سو چڱيءَ طرح جهڙي
سمجهائي هليو ويو.

راڻي چچ تي موهجي پوي ٿي ۽ سندس معرفت نيٺ هو راجا ٿئي ٿو.

چچ برهمڻ چڱيءَ شڪل وارو جوان ماڻهو هو. هو
ڊگهي قد جو هو ۽ سندس بدن جو ڊول چڱو هو ۽ گوري
رنگ جو ۽ ڳاڙهن ڳلن وارو هو. جڏهين راڻيءَ جي نظر
هن جي سروَ جهڙي قد ۽ سهڻيءَ شڪل تي پيئي، تڏهين
هزار دل سان انهيءَ تي موهجي ويئي. هنجي سونهن ۽
شڪل ۽ پوشاڪ هنکي مست ڪري ڇڏيو. هنجو پڙهڻ
۽ ڳالهائڻ ۽ هنجو لکڻ ڏسي حيران ٿي ويئي. چچ جي
محبت هنجي دل ۾ ڪيءَ طرح کپي ويئي. راجاکي اولاد
ڪو نہ هو. راڻيءَ کي منجهانس ڪو پيار ڪو نہ ٿيو هو.
تنهنڪري هن هڪڙي چالاڪ ڏوتيءَ جي هٿان چچ ڏي
هي پيغام موڪليو تہ "اي چچ، تنهنجن ٻنهي اکين جي
تيرن منهنجي دل جي نشان کي ڦٽي ڇڏيو آهي، ۽

تنهنجي جدائيءَ جو زنجير منهنجي ڳچيءَ ۾ قابو پئجي ويو آهي، تنهنڪري تون پنهنجي وصال جي دوا ڏيئي مونکي شفا ڏي ۽ پنهنجي صحبت جي هٿ سان منهنجي ڳچيءَ جو زنجير ڪڍ ۽ پنهنجي محبت جو سينگار منهنجي ڳچيءَ ۾ ڪر ۾ وجهہ. جي تون ائين نہ ڪندين تہ آءٌ پاڻکي ماري رکندس. (شعر جو مضمون) شل تنهنجي دلبر اچي تہ منهنجي دل کي خوش ڪرين ۽ پنهنجي جدائيءَ جي عذاب کان ڇڏائيندس. پر جي پيارا، تون مونکان پنهنجو منهن ڦيرائيندين تہ آءٌ دانهون ڪري چوندس تہ تون مونسان ظلم ۽ بي انصافي ٿو ڪرين".

جڏهين انهيءَ پديءَ زال مٿيون پيغام چاچر کي ڏنو تڏهين چاچر کي دل ۾ آيو تہ اها رت نفرت سان هٽائي. هنکي جوڻ لڳو تہ "راجائن جي محلات ۾ نمڪ حراميءَ جي سزا ترت موت ۽ پئي جهان جي سزا ۽ هن جهان جي خواري آهي. جڏهين بادشاهن کي ڪاوڙ ايندي آهي، تڏهين اها ڪنهين بہ علاج يا تجويز سان روڪي نہ سگهبي آهي. تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ تان گذر ڪري وڃ. تنهنکان سواءِ اسين برهمڻ آهيون ۽ منهنجو پني ۽ پاڪ رياضت ڪيڻ وارا آهن ۽ سڀ شيءِ خدا جي حوالي ڪري ۽ دنيا کي ترڪ ڪري مڙهيءَ ۾ ويٺا آهن. مونکي اهڙي بي ايماني پسند نہ ٿي اچي. آءٌ راجا جو نوڪر آهيان، مونکي

ڏکُ ۽ اُميد جي وجھ رهڻ گهرجي. ڏاها ماڻهو اهڙي حالت
ناپسند ڪندا آهن. ڪنهين به ماڻهوءَ کي جنهن شيءِ ۾
پروسو رکڻ نه کپي يعني بادشاهن ۾، باهہ ۾، هوا ۾، ۽ پاڻيءَ
۾. آءٌ ههڙي خواري ۽ بدنامي پنهنجي سرتي نه آڻيندس.
تون اهو پنهنجو مطلب مون مان حاصل ڪري نه سگهندينءَ."

جڏهين اهو پيغام راڻيءَ کي مليو، تڏهين هن صبر
ڪري وري هي پيغام موڪليو ته "جيڪڏهين تون
منهنجي محبت ۽ دوستيءَ کان تهين ٿو ته من هيترو
ڪرين ته ڏهاڙي مونکي پنهنجو منهن ڏيکارين، جنهنڪري
تنهنجي حسن جو خيال منهنجي دل تي تازو رهي ۽ آءٌ
پنهنجي دل کي دلاسو ڏيندي رهان ته منهنجو توسان
نيٺ ميلاپ ٿيندو. (شعر) جيڪڏهين توکي آءٌ سال سال
۾ ڏسندي رهنديس، بلڪ جيڪڏهين پنهنجي ساري
حياتيءَ ۾ فقط هڪڙو دفعو هڪڙي رات خيال يا خواب ۾
ڏسنديس، ته به ڏاڍي خوش ٿينديس. پيارا، توکي ياد
ڪرڻ ڪري آءٌ ڪڏهين به نااُميد نه ٿينديس، نيٺ
هڪڙي ڏينهن تنهنجي وصال جي رات ڏسنديس."

جڏهين اڪ پنهنجو ڪم ڪرڻ لڳي ۽ دلم محبوب
جي ماڻڻ جو شوق پيدا ٿيو، تڏهين آخر هنن پڪي جي وجھ
همدردي پيدائي، جنهنڪري صبح صبح جو هو پاڻ ۾ ملندا
رهيا ۽ هنن جي محبت ۽ گهرائي حد کان زياده وڌندي

رهي. نيٺ هميشه جي لاءِ پاڻ ۾ گڏجڻ جو انجام ڪيائون.
راجا کي هنن جي گستاخيءَ جي خبر ڪانه هئي. سندن دشمن مان ڪنهن سندن نسبت ۾ شڪ برابر هو، مگر جڏهين ڪا پڪي ثابتي نه ٿي ملي، تڏهين هنن جو ڳجهه ڍڪيل رهيو آيو. انهن دشمن مان ڪن راجا کي انهيءَ ڳالهه جي خبر ڏني، پر هنن انهيءَ تي اعتبار نه آيو ته ڪو اهڙو ڪم سندس محلات ۾ ٿيندو هوندو ۽ مير منشي چچ اهڙو بيحيائي ۽ بي ايمانيءَ جو ڪم ڪندو.

انهيءَ طرح درجي بدرجي ساري حڪومت چچ جي هٿ ۾ اچي ويئي. جيڪي هو ڪندو هو، سو راجا کي پسند هوندو هو، ۽ راجا ڪو به ضروري ڪم پهرين چچ جي صلاح مصلحت وٺڻ کان سواءِ نه ڪندو هو. انهيءَ رستي جيڪو به حڪم ڪنهن ڪم ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو چچ ڏيندو هو، سو ساريءَ بادشاهت ۾ مڃيو آندو ويندو هو.

راجا ساهسي راءِ جو دنيا مان لاڏاڻو.

نيٺ قضا ۽ تقدير جو حڪم غيب جي پردي مان ظاهر ٿيو. راجا بيمار ٿي پيو ۽ هن جي بيماريءَ گهڻو عرصو ورتو. آخر موت جا آثار هن جي منهن مان ظاهر ٿيڻ لڳا. راڻيءَ کي تڏهن انتظار ٿيڻ لڳو. چچ کي سڏائي هنن چيائين ته "راجا جي حياتي جلد پوري ٿيڻ واري آهي ۽ هن جي موت جون علامتون اڳيئي ظاهر ٿيون آهن. هنن

اولاد ڪونهي، جو سنڌس مٿي ڪا نپوءِ سنڌس بادشاهيءَ
جو وارث ٿئي. تنهنڪري سنڌس ڀين ۽ ڀاڄهن مائٽن مان
ڪو سنڌس ملڪ ۽ مال جو مالڪ ٿيندو. مونکي پڪ
آهي ته هو مونکي لاوارث ڪري ڇڏيندا ۽ تڪليف ڏيندا
جو آءٌ ڏارين آهيان. راجا جي حياتيءَ ۾ ئي هو مونکي
گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا، تنهنڪري هن جي مرڻ کا نپوءِ
ته منهنجي ملڪيت ڪسي وٺندا، بلڪ مونکي ماري
ڇڏيندا. مونکي هڪڙي رٿ خيال ۾ اچي ٿي، جا آءٌ
ڀانيان ٿي ته چڱي آهي ۽ جي قسمت ۾ ائين لکيل هوندو
ته ڀاڻ ٻنهي جون مرادون پوريون ٿينديون ۽ بادشاهي
توکي ملندي. اها رٿ هيءَ آهي ته جي اسين همت
ڏيکاريندا سين ته ڏڻي هيءَ بادشاهي توکي ڏياريندو ۽
تون گهڻي تائين عزت آبرو ۽ مان شان سان گذاريندو
رهندين ۽ سڀ ماڻهو تنهنجا تابعدار ٿي رهندا." چنچل
ورندي ڏني ته "جيئن تون چئين تيئن آءٌ خوشيءَ
سان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ جيڪا رٿ تون ڪندينءَ
سا ضرور چڱي هوندي. پر ڏاهن جو چوڻ آهي ته ايماندار
نوڪرن سان صلاح مشورت ڪرڻ ضرور آهي. تنهنڪري
جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي، سو مونکي ٻڌاءِ." راڻيءَ
سهنديو کي چيو ته "هڪدم حڪم جاري ڪر ته ٻه ڄام زنجير
۽ نبر تيار ڪن. اهي رات جو اڪائي ڪٺي آڻي هٿ

"گھر ۾ رکہ تہ جڏهين انهنجي گھر ڄلتئي، تڏهين ڪم اچن."
ان موجب چاچہ جي حڪم پٽيان ڪي گرا زنجير ۽ نير
جڙي تيار ٿيا. اهي رات جي وقت محلات جي اندرين
ڪوٺين ۾ هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ لڪائي رکي ڇڏيائون.
جڏهين راجا مرڻ تي آيو، تڏهين طبيب نا اُميد ٿي اُٿيا.
پر راڻيءَ سهنديو جيئن تہ ٿورو واتي ترسو. انهي وجہ هن
ڪنهن رازدان نوڪر کي حڪم ڏنو تہ راجا کي کٽائي
اندر ڪوٺيءَ ۾ ڪر ۽ پاهريون دروازو بند ڪري ڇڏ
تہ شهر جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي خبر نہ پوي تہ راجا ساهسي
مري ويو آهي. پوءِ حڪم ڪيائين تہ سندس سڀ تابعدار
نوڪر چاڪر آڻي محلات ۾ گڏ ڪن. جڏهين اهي اچي
ويا، تڏهين هن پنهنجي معتبر نوڪر کي موڪليو تہ راجا
جي فلاڻن فلاڻن سيني ۽ پنهنجن مائٽن کي سڏي، جي
تخت جا حقدار رهيا. اُنهيءَ طرح اُنهن مان هر ڪو ڏار اُتي
آندو ويو. هر ڪنهن کي چيو ٿي ويو تہ راجا اچہ پهتر آهي
۽ اوهان سان ڪا صلاح مصلحت ڪرڻ ٿو گھري. جيئن
جيئن هر ڪو ايندو ويو، تيئن تيئن انهي کي مقرر ڪيل
جاءِ ۾ موڪليندا ويا، جتي راڻيءَ جي رازدان نوڪرن
هن کي زنجيرن ۾ قابو ڪري ٿي ڇڏيو. انهيءَ طرح سندس
سڀ بدخواه ۽ دشمن زنجيرن ۾ پئي قيد ٿي ويا. تنهن
ڪان پوءِ راڻيءَ وري راجا جا غريب ۽ مفلس مائٽ گھرايا.

جيئن اُنهن مان هرڪو ايندو ويو، تيئن انهن کي چيو ته
ويو ته "اڄ راجا تنهنجي ڦلاڻي يا ڦلاڻي مائٽ تي ڪاوڙيو
آهي، جو انهن جي حرڪت ۽ بدچاليءَ ڪري راجا کي
رات ننڊ نه آئي آهي ۽ انهي کي قيد ڪرايو اٿس. جي
تون بک ۽ غريبيءَ کان ڇٽڻ گهرين ۽ ملڪيت ۽ دولت
هٿ ڪري زور وٺين ته ڦلاڻيءَ جاءِ ۾ وڃي انهي پنهنجي
دشمن جي سسي لاهه ۽ سندس گهر ۽ مال ملڪيت ۽ ٻي
جائداد ۽ نوڪر هٿ ڪر." انهيطرح هرڪو انهي جاءِ
۾ وڃي انهي پنهنجي دشمن کي ماري انهي جو مال
ملڪيت، ڊورن نوڪرن ۽ گهر جو مالڪ ٿيڻ لڳو.
هڪڙيءَ رات جي اندر سهنديو ۽ چچ پنهنجن
سڀني بدخواهن کي ترار جو قوت ڪرايو ۽ دشمن جي
نسبت ۾ فڪر ۽ گهٽتيءَ جو بار پنهنجي دل تان هلڪو
ڪيو. ڪو ٻاهڙو مائٽ ملڪ ۾ نه رهيو، جو راجا جو
وارث ٿي سگهي.

چچ بن سلائج جو تخت تي ويهڻ.

جڏهين سڀ خيرخواه ماڻهو ۽ عملدار انهيطرح انجام
۾ پڌا ويا ۽ غريب سردارن پنهنجن دشمن کي کپائي
ڇڏيو، تڏهين هو سڀ قلعي جي اڳيان هٿيارڪٽي قطار ٻڌي
بيهي رهيا. اهي سپيئي واپاري ۽ ڪاسبي توڙي
ٻيا عام ۽ خاص ماڻهو ٻه ٻاڻ سان وٺي آيا ۽ تخت ۾ ڇڱيءَ

طرح سينگاري رکيو ويو. تڏهين راڻي سهنديو پردي جي
پٺيان اچي ويٺي ۽ اُتي ٻڌيمن وزير جي هٿان هي پيغام
موڪليائين ته ”ملڪ جي سردارن ۽ اميرن کي راجا جا
سلام رسائي ۽ چئين ته راجا هاڻ گهڻو بهتر آهي ۽ سندس
بيماري گهٽبي وڃي ٿي، پر هيءَ تازي خونريزي جيڪا فسادين
ڪئي آهي، تنهن جو هن کي صدمو رسيو آهي. انهي ڪري هو
ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿي نٿو سگهي، ۽ جيڪي خاص عام ۽
ننڍن وڏن ماڻهن جا ڪم ڪار آهن، سي في الحال مهمل
رهندا. هن جي مرضي آهي ته سندس حياتيءَ ۾ چچ
سندس طرفان نائب ٿي حڪومت جو ڪم ڪار هلائي
ته رعيت مان ڪنهن کي به ظلم ۽ بي انصافيءَ جي ڪري
ڪا تڪليف نه پهچي.“ اهو پيغام ٻڌي سڀني ماڻهن
ادب سان ڪنڌ جهڪايو ۽ متفق ٿي چوڻ لڳا ته اسين
راجا جي حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيون. حاجب چچ اهڙي
وڏي عهدي جو هر طرح لائق آهي ۽ هو گهڻن گڻن ۽ لياقت
وارو ماڻهو آهي، جو اڳيئي ملڪ جو چڱو بندوبست رکيو
اٿس.“ پوءِ راڻيءَ سهنديو قيمتي خلعتون جواهرن سان
پنهنجن هزارن ايماندار نوڪرن ۽ خيرخواهن کي ڏنيون،
جي سڀ قومن جا سردار ۽ لشڪرن جا مهندار هئا، ۽
ساڳئي وقت ۾ هن ڇٽ به چچ جي مٿي تي رکيو ۽ تاخت
تي به وهاريائينس. سڀ ماڻهو هن کي ڏسي خوش ٿيا ۽

هنجي تابعداري ۽ فرمانبرداري ۾ رهڻ جو انجام ڪيائون.
وزير کي ٻه وري نئين سر مقرر ڪيو ويو ۽ مکيه عملدارن
کي ٻه جيڪا انعام ڏيئي همٿايو ويو ته پنهنجو ڪم ايمانداريءَ
سان ڪندا رهن. ڪيترن اميرن جي نسبت ۾ جاگيرن
جون نيون سندون ٻه جاري ڪيون ويون. انهيءَ طرح
ساريءَ بادشاهيءَ جو انتظام چچ تي قائم رهيو.

جهن مهنن گذرڻ کان پوءِ راءِ ساهسيءَ جي مرڻ جي
خبر سندس ڀاءُ مهرت کي پهتي، جو چتور جو راجا هو. اهو
هڪڙو وڏو لشڪر ۽ گهڻا جنگي بهادر ۽ خوفناڪ هاٿي
پاڻ سان وٺي چچ تي ڪاهي آيو. الور کان ٽن ميلن تي
اچي منزل ڪيائين ۽ پنهنجن ڪن خانگي نوڪرن ۽
معتبر خدمتگارن جي هٿان هي پيغام چچ ڏي ڏياري
موڪليائين ته "آءٌ هن بادشاهت جو حقدار آهيان ۽
هي ملڪ منهنجي پيءُ ۽ ڏاڏن جي ملڪيت آهي. مونکي
پنهنجي ڀاءُ جو ورثو هٿ ڪرڻ لازم آهي. توکي حاجبي
۽ نائبيءَ جي جاءِ ڏني ويندي. ۽ هر طرح توسان مروت
۽ مهربانيءَ جي هلت ڪئي ويندي"

چچ مهرت سان وڙهي ٿو ۽ ٺڳي ڪري هنکي ماري ٿو.

هي پيغام ٻڌي چچ راڻيءَ وٽ آيو ۽ چيائينس ته
"هي دشمن اچي اسانجي گهر جي در تي ويٺو آهي ۽

بادشاهي ۽ ميراث ٿو گھري. هاڻي تنهنجي صلاح ڪهڙي آهي؟" راڻيءَ ڪلي جيو ته "آءٌ زال ماڻهو آهيان ۽ پردي ۾ ٿي رهان. آءٌ وڃي ٿي هن سان وڙهان، تون منهنجا ڪپڙا ڏکي منهنجي جاءِ تي ويھ ۽ مونکي پنهنجا ڪپڙا ڏي ته ڏکي وڃي وڙهان. ڏاهن جيڪي چيو آهي، سو تو نه ٻڌو آهي ڇا ته جڏهين ڪو ماڻهو ڪنهن وڏي درجي کي پهچي ٿو، تڏهين جيسين هو انهيءَ جي لاءِ گھربل اٽڪل ۽ تجويز حاصل نٿو ڪري، تيسين انهي عهدي جو ڪم چڱيءَ طرح هلائي نٿو سگھي. جڏهين بادشاهي تنهنجي قسمت ۾ آئي آهي، تڏهين صلاح وري ڪهڙي ٿو پڇين؟ سنڌ روپڌ ۽ گاجندڙ شينهن وانگي ٽپو ڏيئي اُٿ ۽ بهادرن وانگي جنگ تي ڪاهي وڃ ۽ پنهنجي دشمن کي شڪست ڏي؛ ڇالاءِ جو عزت سان مرڻ چڱو آهي، جو پاڻ جهڙي جي ڏڪار ڪٽي جيئرو رهجي. (شعر) تووٽ هاٿي ٻه آهن ۽ لشڪر ٻه آهن. تووٽ گھوڙا ٻه آهن ۽ نوڪر ٻه آهن. وڃي پنهنجي دشمن جي لشڪر ۾ ڦڙڦوٽ وجھ ۽ پهلوان وانگي نڪري پاهر ٿيءُ."

هي جواب ٻڌي ڄڄ ڏاڍو شرمنده ٿيو ۽ جنگ جا هٿيار ٻڌي ۽ لشڪر جون صفون ٻيهاري دشمن سان وڙهڻ لاءِ نڪتو. ۽ مخالف ڌر جا جيڪي ماڻهو اجا قيد ۾ هئا تنکي ٻه اُتان ڪڍيائين ۽ اُنهنکي انعام ڏنائين ۽ آئندي

جا انجام ڏنائين . پوءِ لشڪري دشمن سان وڙهڻ لاءِ ويو.
راجا مهرت پنهنجو لشڪر ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو. هڪڙو
سانجهي پاسي وارو هو، ٻيو کٻي پاسي وارو، ٽيون وچ وارو،
چوٿون اڳيان هلڻ وارو ۽ پنجون پٺيان اچڻ وارو. پوءِ
ته ٻنهي طرفن جا جنگي بهادر راجي پاڻ ۾ گڏيا ۽ ٻنهي
پاسي گهڻا ماڻهو مارجي ويا. جڏهين راجا مهرت ڏٺو ته
ٻنهي پاسي ترار بهادر سپاهي چٽ ڪري ڇڏيا آهن، تڏهين
چچ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته "بادشاهيءَ جا دعوادار
فقط پاڻ ٻه آهيون. اچو ته پاڻ ۾ وڙهون، پوءِ جيڪو جيئرو
بچي، اهو بادشاهي هٿ ڪري." چچ هنکي ورندي
ڏني ته "آءٌ برهمڻ ماڻهو آهيان، گهوڙي تي چڙهي مونکي
وڙهڻ نٿو اچي. تنهنڪري مونسان پيادو ٿي وڙهه.
پوءِ جي توکان ٿي سگهي ته مونکي ڀلي ماري وجهه."
چتور جي راجا کي پنهنجي بهادريءَ ۽ زور ۾ گهڻو ڀروسو
هو. هن دل ۾ خيال ڪيو ته "هڪڙو برهمڻ جنگ ۾ مون
سان ڪيئن پڄي سگهندو. آءٌ ويڙهه ۾ هڪيءَ وانگي
هنجي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري سگهندس. هو هڪدم گهوڙي
تان لهي پيو ۽ پيرن سان پنڌ ڪري هلي آيو. چچ به
گهوڙي تان لٿو ۽ پنهنجي ڪنجڪيءَ کي چيائين ته
گهوڙو پٺيان وٺيو اچي. جڏهين هو ٻئي پاڻ ۾ اچي گڏيا،
تڏهين چچ جهٽ ۾ اَب ڏيئي پنهنجي گهوڙي تي

چڙهيو ۽ هن تي اوچتو ڪاهي وجي هڪڙيئي ڌڪ سان هنجي سسي لاهي رکيائين. هيءُ حال ڏسي چچ جو لشڪر چتور جي لشڪر تي ڪاهي ويو ۽ هو اُٿي ڀڳا. انهن مان ڪي جن راجا مهرت کي ماريو ڏٺو هو، سي اچي پيش پيا ۽ پناهہ گهرڻ لڳا، پر گهڻا مڙيئي ترار جي حوالي ڪيا ويا. چچ فتح ڪري خوشيءَ سان موٽي الور جي ڪوٽ ۾ آيو. هن حڪم ڏنو تہ شهر ۾ خوشيءَ جون ڪمانون ڪڙيون ڪن ۽ شاهي تخت تي ويهي عام جشن ڪرڻ جو فرمان ڪيائين ۽ بهادر سپاهين جو هڪڙو تازو لشڪر بنايائين. انهيڪان پوءِ سندس ملڪ جي چئن ئي پاڳن ۾ ڪو باغي يا فسادي ڪو نہ رهيو.

چچ جي شادي راڻي سهنديءَ سان.

هن ڪتاب جو مصنف ۽ هن قصي جو بيان ڪندڙ هيئن لکي ٿو تہ جڏهين فتح ٿي، تڏهين راڻي سهنديءَ حڪم ڪيو تہ شهر جا سردار ۽ وڏا ماڻهو گڏ ٿين. جڏهين اهي اچي گڏ ٿيا، تڏهين انهنکي هيئن چيائين تہ "راجا ساهسي مري ويو آهي ۽ انهي مان مونکي ڪو بہ اولاد ڪو نهي جو ملڪ جو وارث ٿئي، ۽ جڏهين بادشاهي اگهيئي چچ کي ملي آهي، تڏهين اوهين دستوري رسمن ادا ڪرڻ ۽ ڏاج ڏيڻ سان منهنجي شادي اُنهي سان ڪريو." سڀ امير ۽ سردار انهي ڳالهہ تي راضي ٿيا ۽ گڏ جي محلات

۾ آيا ۽ راڻي سهنديءَ جي چچ سان شادي ڪيائون. نيٺ ڏينهن پٺي هن کي ٻه پٽ ڄاوا، هڪڙي جو نالو ڏاهر رکيو ويو ۽ ٻئي جو ڏهرسينهن. هن کي هڪڙي ڌيءُ ٻه ڄائي، جنهن جو نالو ٻائي هو. هرهڪ جي جنم مهل جوتشين راجا جي حڪم سان هن جو طالع ڏٺو ۽ جنم پتري جوڙيائون ۽ طالع واري تاري هيٺ ٻين جدا جدا تارن ۽ برجن جو تفصيل ڪڍيائون ۽ انهن تارن جو ۽ انهن جي لهڻ ۽ چڙهڻ جو چڱو ۽ بڇڙو اثر ڏيکاريائون. هن ظاهر ڪيو ته ٻئي پٽ راجائي ڪندا ۽ ٿوري وقت تائين ته سنڌ جي ساري بادشاهت سندن هٿ ۾ رهندي. ڌيءُ جي نسبت ۾ هن اِها اڳ ڪٿي ڳالهه ڪئي ته هوءَ شهر کان ٻاهر نڪري ڪنهين پاسي نه ويندي ۽ جيڪو ساڻس شادي ڪندو سو راجا ٿيندو ۽ ساريءَ سنڌ تي حڪومت هلائيندو ۽ انهيءَ جي دولت تي خوش گذاريندو. جڏهين جوتشين شهزاديءَ جي نصيب جي اها ڳالهه ٻڌائي، تڏهين راجا انهن کي حڪم ڏنو ته اها ڳجهي رکن ۽ ڪنهن سان ٻه نه ڪن.

چچ پنهنجي پيءُ کي آڻي ٿو.

هاڻي چچ ارادو ڪيو ته پنهنجي پيءُ چندر کي الور جي شهر ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪريان. تنهن ڪري هڪڙي معتبر ماڻهوءَ جي هٿان هن ڏي هي پيغام ڏياري موڪليائين ته ”اسان جا وڏڙا مائٽ سڀ تپسيا يا رياضت ڪندڙ

آهن ۽ پنهنجن مڙهين ۾ ٻتن جا پوڄيندڙ آهن. هنن جي ٻاهر جي پوڄڻ ۽ ڏٺيءَ جي بندگي ڪرڻ جي رسم ۽ عادت مشهور آهي. اسان جو ٻيو سلائيج اسان جن وڏن وانگي هلت ڪندو اچي ۽ انهيڪي اسان جا سڀيئي پنڊت يا عالم ۽ فيلسوف پسند ٿا ڪن. پرهند جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جڏهين ڪو ماڻهو پنهنجي روح کي رياضت تي هيرائڻ کان پوءِ مري ٿو، تڏهين انهيءَ جو روح بدن کان ڌار ٿيڻ تي سندس چڱن ڪمن جي عيوض ۾ ڪنهن بادشاهه يا ٻئي وڏي ماڻهوءَ جي ٻار ۾ اچي جاءِ وٺي ٿو ۽ اُتي قسمت جي چڱائي ۽ دنيائي سک ڪري بلڪل آرام ۾ گذاري ٿو. ۽ سلائيج جي خدا هن پيري اسان کي بادشاهي ڏني آهي ۽ هڪڙي وڏي بادشاهت منهنجي هٿ ۾ آئي آهي. هاڻي منهنجي خيال ۾ آيو آهي ته توکي الور جي شهر ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪريان ۽ پنهنجو ولي عهد ٺهرايان. تون هني ۾ پنهنجي بندگي، رياضت ۽ دينداريءَ جي وسيلي مونکي ملڪ جي ڀلائڻ ۾ مدد ڪري سگهين ٿو." جيئنو ٽليڪ چندرا کي اها رٿ پسند نه آئي، ته به نيٺ زور ڪري هنکي شاهي دربار ۾ وٺي آيا. الور جي ساري حڪومت چاچي هنجي حوالي ڪئي ۽ پنهنجا خانگي توڙي سرڪاري ڪم ڪار به سڀ هنجي حوالي ڪيائين.

نائبيءَ جو فرمان جاري ٿيڻ.

چندرا کي نئين عهدي تي مقرر ڪرڻ وقت ڄاڄ ڄيس ته ”جڏهن سلائچ جي خدا اسان کي تاج ۽ تخت جو لائق ڪيو آهي ۽ خلق تي حڪومت ڪرڻ لاءِ اسان کي مقرر ڪيو آهي، تڏهن اسانکي مناسب آهي ته حتي المقدور ڪوشش ڪريون ته جيڪا بيشمار رعيت اسانجي حوالي ڪئي ويئي آهي، تنهن سان مروت ۽ مهرباني ڪريون. رعيت ڄڻ ته خالق اسانجي سپال هيٺ ڏني آهي، انهيلاءِ ته هنن کي خوش ۽ راضي رکون ۽ اهڙو عدل ۽ انصاف ڪريون جو ڏاڍا ضعيفن کي نه ستائين، نه ته خداتعالي، پوري داد نه ڪرڻ ڪري اسانکي عتاب ڏيندو. منهنجو پيارو چندرا، جو سڀني رياضت ڪندڙن جو سرتاج آهي، تنهن کي هن وڏي ۽ نازڪ عهدي تي مقرر ڪيو ٿو وڃي ۽ انهي کي حڪم ٿو ڏجي ته اسانجي حاضري يا غيرحاضريءَ ۾ انهي عهدي جو ڪم ڪندو رهي، ۽ سڀني ماڻهن، خاص توڙي عام، کي حڪم ٿو ڪجي ته هنجي تابعداري ڪن ۽ ڪنهين به طرح هنجي حڪم ۽ هدايت کان منهن نه موڙين.“

ڄاڄ جو وزير ٻڌيمن کان بادشاهت جي پکيڙ جو پڇڻ.

ڄاڄ وزير ٻڌيمن تاڪيءَ کي ٻاهوت سڏيو ۽ ساهرس

جي بادشاهت جي حدن بابت پڇائينس ۽ چيائينس تہ ”اي قابل وزير ۽ ڏاها مشير، توکي خبر آهي يا نہ تہ جڏهين سنڌ ملڪ راءِ ساهسيءَ جي حڪم هيٺ هو، تڏهين انهي جون حدون ڪهڙيون هيون؟ اهي چار پاڳا ڪهڙا آهن، جي انهيءَ جي چئني حدن تي هئا؟ انهن بابت جيڪا توکي خبر هجي سا ڏي، تہ آءٌ انهن حدن تي وڃان ۽ جاچ ڪريان تہ اتي جا رهاڪو فرمانبردار آهن يا مخالف آهن، ۽ جي ڪو باغي يا نافرمان هجي تہ تجويز ڪري انهي کي ڪيان ۽ سڀني کي پنهنجي تابع ڪريان، ۽ اهڙو بندوبست رکان جو ڪو بہ فسادي يا باغي منهنجي بادشاهت ۾ نہ اچي ۽ منهنجي نافرماني ڪري.“

وزير بڌيمن راءِ ساهسيءَ جي حدن جو بيان ڪري ٿو.

وزير بڌيمن ڪنڌ جهڪائي زمين تي رکي عرض ڪيو تہ ”راجا ڇاڇ جي شل وڏي حياتي هجي! حضور کي خبر هجي تہ هي تخت، شهر ۽ هيءَ ساري بادشاهت هڪڙي راجا جي هٿ هيٺ هئي ۽ هتان جا سردار سندس تابعدار ۽ فرمانبردار هئا. جيڪو حڪم هو ڏيندو هو، سو هو مڃيندا هئا ۽ ترت انهيءَ جي بجا آوري ڪندا هئا. جڏهن هيءَ بادشاهت وڏي راءِ ساهسي ولد ديوائج جي پٽ سهرس جي هٿ آئي ۽ فارس جي لشڪر انهيءَ کي شڪست

ڏيئي ماري وڌو، تڏهين بادشاهي ساهسي نديءَ کي ملهي، ۽
انهن ڇهن ڀاڱن مان هر هڪ تي هڪڙو سردار حاڪم ڪري
رکيو، انهيءَ لاءِ ته هو ملڪ جي سنڀال ڪن ۽ ڍل ڳڌ ڪري
سرڪاري خزاني ۾ پهچائين. هاڻي جڏهين حضور جن کي
انهيءَ ڳالهه جي ڳڻتي آهي ۽ اها دل مان ڪڍڻ ٿو گهري،
تڏهين آخرين ضروري ڳالهه اها آهي ته اهڙو بندوبست
رکجي، جو ڪنهين به ناموافق واقعي جو امڪان نه رهي،
نه ته زماني جي گردش کان اهڙو ڪو خوفناڪ حادثو
ٿي سگهي ٿو، جنهنجو آسانيءَ سان علاج ڪري ڪين
سگهبو. جڏهين اڳوات بندوبست ڪرڻ سان ملڪ جي
حڪومت مضبوط ۽ قائم ڪبي ۽ حضور جن جي دل کي
پوري تسلي ٿيندي، تڏهين جدا جدا ڀاڱن جا حاڪم ۽
سرحدي ملڪن جا بادشاهه حضور جن ڏي رغبت ڏيکاريندا
۽ خدمتگاري ڪندا. يقين آهي ته جڏهين بهادر سپاهين
۽ خوفناڪ هاٿين جي وسيلي ملڪ ۾ آرام ۽ صلح قائم ٿيندو تڏهين
خدا تعاليٰ، جو مسبب الاسباب آهي، سو حضور کي فتح ۽
سوڀ ڏيندو ۽ حضور جي دشمن کي مغلوب ڪندو.
مونکي اميد آهي ته خدا تعاليٰ هن بادشاهت جي جدا جدا
ڀاڱن کي مضبوط ۽ قائم رکندو ۽ جاري ڍل ڀريندڙ حاڪم
تابعدار رهندا ۽ سڀ فساد بند ٿي ويندا ۽ سڀ دشمن ۽
مخالف حضور جن جي تکي تلوار جي خوف ۽ دهشت

ڪان فرمانبردار رهندا، ۽ هيءَ جيڪا بادشاهت حضور جن
نالي ناموس سان هٿ ڪئي آهي، سا هميشه قائم رهندي
۽ روز بروز وڌندي ويندي. حضور جن کي گهرجي ته
هر طرح پنهنجو ڌيان انهيءَ ڳالهه تي رکي ۽ ڌڻيءَ جي تقدير
تي راضي رهي، جو انهيءَ ڪري خدا تعاليٰ پنهنجي ڏاهپ
۽ مرضيءَ سان حضور جن جون سڀ مرادون پوريون ڪندو."

چچ الور جي سرحد وارن ملڪن تي اچي ٿو ۽ حد نشان نروار ڪري ٿو.

چچ وزير بدهيمن جي ڳالهه ڌيان ڏيئي ٻڌي ۽ انهي
سندس دل تي چڱو اثر ڪيو ۽ هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تسلي
آيس. انهي صلاح مشورت جي لاءِ سندس تعريف ڪيائين
۽ انهي کي چڱو سگهڻ چاتائين ۽ انهي جي تعميل ڪرڻ لاءِ
تيار ٿيو. ارادو ڪيائين ته هڪڙو وڏو لشڪر پاڻ سان
وٺي هندستان جي انهن سرحدن تائين وڃي، جتي اُهو تاتار
جي ملڪ سان وڃي ٿي لڳي. انهيلاءِ ڪي معتبر ماڻهو
جدا جدا پاسن ڏي موڪليائين ۽ جدا جدا پاڳن جي
حاڪمن ڏي لکيائين ته ڪيس انهي ڪم ۾ مدد ڪن.
پوءِ نجومين جيڪو چڱو وقت ڳولي ڪڍيو، انهيءَ تي ڪوچ
ڪرڻ جو حڪم ڪڍيائين. گهڻن ڏينهن جي سفر ڪرڻ
۽ منزلن ڪٽڻ کانپوءِ هو ٻابيه جي ڪوٽ واري شهر وٽ
پهتو، جو بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي آهي.

قلعي جو حاڪم ساٽس سامهون ٽيڪ لڳو. پر سخت لڙائيءَ کانپوءِ باهير جو حاڪم شڪست کائي ڀڳو ۽ قلعي ۾ اچي لڪو، ۽ راءِ چچ سوڀارو ٿيو. هو اُتي ترسي پيو ۽ گهڻو ڏينهن تائين قلعي کي گهيرو ڪيو ويٺو هو. انهيءَ وچ ۾ اَن ۽ گاهه ۽ ڪاٺين جو اچي ڏڪار پيو. جڏهين قلعي وارا ماڻهو ڏاڍا تنگ ٿيا، تڏهين هڪڙي رات اوندهيءَ جو هو انهيءَ قلعي مان نڪري اِسڪنداه جي قلعي ڏي ويو ۽ انهيءَ شهر جي آس پاس منزلگاهه ڪري لهي پيو. اهو قلعي وارو شهر بہ سنڌ ۾ هو ۽ اُهو هن پهرئين قلعي کان زياده مضبوط هو. شهر جي ويجهو هڪڙي وڻ تي اچي اُتان هن کي ماڻهو موڪليا تہ دشمن جي منزلگاهه تان ڪا خبر چار وٺي اچن. سگهوئي هڪڙي جاسوس اچي اها خبر ڏني تہ چچ باهير جي قلعي ۾ اچي گهڙيو آهي ۽ اُتي رهيو پيو آهي.

چچ اسڪنداه جي قلعي تي ڪاهي وڃڻ.

جڏهين چچ کي معلوم ٿيو تہ باهير جو حاڪم اسڪنداه جي قلعي ڏي ويو آهي، تڏهين ملڪ جي اميرن مان هڪڙي کي هن قلعي جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو ۽ پاڻ اسڪنداه جي پاسي ڪوچ ڪري هليو. ۽ انهيءَ شهر جي پاهران پسگردائيءَ ۾ لشڪرگاهه بڻايائين. اسڪنداه جي قلعي ۾ هڪڙو بهادر سردار رهندو هو، جو هميشہ چچ جي فائدي ۾ هوندو

هو ۽ انهي جو حڪم مڃيندڙ هو. قلعي جي اندر رهڻ
وارن تي هنجي گهڻي هلندي هوندي هئي. اتي جا
عام خاص ماڻهو سنڌس جئي ۽ مرضيءَ موجب هلندا هئا
۽ سندس برخلاف ڪي به ڪين ڪندا هئا. انهي ڏي
چچ هڪڙو قاصد موڪليو ۽ قلعي جي حاڪم هٿڻ جي
آڇ ڪيائينس ۽ اهڙي انجام جو هڪڙو شاهي فرمان
لکائي ڏانهنس موڪليائين ۽ انهي ۾ اهو به شرط وڌائين
ته جنهن وقت جيتر بابير جو راجا مارجي ويندو يا قيد
ٿيندو انهي وقت اهو به سندس حوالي ڪيو ويندو. انهي سردار
اهو انجام ۽ اهو شرط قبول ڪيو ۽ پنهنجو پٽ اول ڪري
چچ ڏي موڪليائين. پوءِ بابير جي حاڪم وٽ گهڻو
اچڻ وڃڻ لڳو. ايتري قدر جو رات جو توڙي ڏينهن جو
ڪنهين به وقت روڪ ڪانسواءِ وٽس وڃي ٿي سگهيو. هڪڙيءَ
رات اوچتو وجهه ڏسي هن جيتر کي ماري رکيو ۽ سندس
سسي چچ ڏي ڏياري موڪليائين. راءِ چچ کيس گهڻي
مهرباني ڏيکاري ۽ هڪڙي خلعت ۽ پيا گهڻا تحفا موڪليائينس
۽ حڪم ڏنائين ته اهو قلعو سندس حوالي ڪيو وڃي ۽
هو انهيجو حاڪم ٿئي. پوءِ شهر جا سڀ سردار ۽ امير
وٽس آيا ۽ گهڻا قيمتي نذرانا سندس خزاني ۾ پهچائي
ڏنائون. راجا انهن جي جڳي آدرڀاءُ ڪئي ۽ پنهنجي
روبرو گهرايائين ۽ کين تاڪيد ڪيائين ته انهي بهادر

سردار کي پنهنجو حاڪم ڪري چاڙهن ۽ انهيءَ جا تابعدار ٿي رهن ۽ ڪنهين به طرح هنجي نافرماني نه ڪن.

ڇچ سکر ۽ ملتان جي پاسي وڃي ٿو.

اسڪندره جي ڪمن جي فيصل ڪرڻ کان پوءِ راءِ ڇچ سکر ۽ ملتان جي پاسي رخ رکيو. ملتان ۾ هڪڙو راجا هو، جنهنجو نالو ٻڇيرا هو، ۽ جو ساهسيءَ جو ويڙهو مائٽ هو ۽ وڏي بادشاهت هٿ ۾ هيس ۽ ڏاڍو طاقتوارو هو. جڏهين هنکي ڇچ جي ڳالهه اچڻ جي خبر پيئي، تڏهين هو هڪڙو وڏو لشڪر گڏ ڪري راويءَ جي ڪناري تي آيو. هنجو پائٽيو سيول (يا سهيول) سکر جي قلعي واري شهر جو حاڪم هو، جو شهر ملتان جي ايرندي انهيءَ آمهون سامهون هو ۽ اهو ٻڇيرا جي سوٽ اجيسين سان گڏ جي وڏي ڪٽڪ سان ڇچ کي اڏو ٿيڻ لاءِ نڪري آيو. ڇچ بياس نديءَ جي هڪڙي پتڻ پالاڳهي واريءَ جاءِ تي منزل ڪري لهي پيو ۽ ٽي مهينا اتي ويٺو هو، جيسين ڪ پوڏيون جهڪيون ٿيون ۽ پاڻي لٿو. پوءِ پنهنجي منزل کان مٿ پرو هڪڙو ڳوٺ پسند ڪري ۽ اُتي ڪا به روڪ نه ڏسي اُتان درياهه لنگهي سکر جي شهر تي آيو ۽ سيول سان جنگ ڪيائين ۽ ڪيترن ڏينهن تائين قلعي کي گهيرو ڪيائين ۽ جڏهين اندر رهڻ وارا ڏاڍا تنگ ٿيا ۽ منجهانئن گهڻائي بهادر ماردي ويا، تڏهين

سيول اڪ جيب ۾ اتان نڪري ملتان شهر جي قلعي ۾
وڃي لٿو ۽ راوي نديءَ جي ڪناري تي جنگ جا هٿيار
ڪٽي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. ڇچ راءِ سڪر جو قلعو ورتو
۽ انهي ۾ جيڪي پنج هزار بهادر سپاهي هئا تنکي مارايائين
۽ شهر جي ٻين ماڻهن کي قيدي ڪيائين ۽ تمام گهڻو
لٽ جو مال ۽ گهڻا پاڻها هٿ ڪيائين. ملڪ جي وڏن
اميرن مان هڪڙي کي وقت جي لاءِ قلعي جو حاڪم
مقرر ڪيائين ۽ پوءِ پاڻ درياهه لنگهي ملتان ڏي هليو.
اتي ٻنهي طرفن جي وچ ۾ جنگ لڳي. راجا مڇيرا وڏو
لشڪر ۽ جنگ جا هاٿي ۽ بهادر سپاهي وٺي ميدان ۾ آيو
۽ ڇچ کي اچي سامهون ٿيو. ڏاڍي سخت ويڙهه ٿي ۽
ٻنهي پاسي وڏو ڪوس ٿيو. نيٺ مڇيرا موٽي قلعي
۾ آيو ۽ اتان ڪشمير جي راجا ڏي ڇچ جي بابت هيٺين
خط لکيائين ته "ڇچ سلائج برهمن جو پٽ الور جو
راجا ٿيو آهي ۽ وڏو لشڪر وٺي آيو آهي. هن گهڻا قلعا
ورتا آهن ۽ اسين هن سان مقابلو ڪري نٿا سگهون. هن
گهڻائي مشڪل ڪوٽ پنهنجي هٿ آندا آهن ۽ ڪو به
حاڪم هن سان وڙهي نٿو سگهي. هاڻي هو ملتان تائين
وڏي آيو آهي، تنهنڪري اوهانکي مناسب آهي ته
اسانکي مدد ڪريو ۽ هڪڙو لشڪر سرحد تي
ڏياري موڪليو."

قاصد ڪشمير مان نا اميد ٿي موٽي ٿو

قاصد جي ڪشمير ۾ پهچڻ کان اڳ ئي اُتي جو راجا مري ويو هو ۽ سندس صغير پٽ گاديءَ تي ويٺو هو. ملڪ جي وزيرن ۽ مشيرن ۽ اميرن ۽ سردارن ۽ سڪرن گڏجي صلاح مشورت ڪئي ۽ انهي خط جو هي تجويز وارو جواب ڏنائون ته "ڪشمير جي راجا لاڏاڻو ڪيو آهي؛ سندس پٽ اڃا ننڍو ويار آهي ۽ آزمودگار نا هي. خود هنجا سپاهي ملڪ جي جدا جدا پاڱن ۾ فساد ڪرڻ تي آهن. تنهن ڪري پهرين هن ملڪ جي بندوبست قائم رکڻ جو ضرور آهي. انهي صورت ۾ اسين اوهانکي ڪا به مدد ڪري نٿا سگهون. جيئن اوهانکان ٿي سگهي تيئن هاڻکي پاڻهيئي مدد ڪريو."

جڏهن قاصد موٽي آيو ۽ بچيرا کي اها خبر پهتي تڏهن ڪشمير جي راجا جي مدد نه ملڻ ڪري هو ڏاڍو ناميد ٿيو. تنهنڪري راء چچ کي صلاح ڪرڻ لاءِ چيائين؛ پڪا انجام ڏنائينس ۽ اهو عرض ڪيائينس ته منکي اڪيل حڪم ڏني ته آءٌ صاحبيءَ سلامت قلعو ڇڏي پنهنجن ماڻهن ۽ واسطيدارن سان نڪري ڪنهن ٻاهر جي جاءِ ڏي هليو وڃان ۽ اسانکي ڪو به ايذاءُ نه رسائي. چچ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙو انجام ڏنائينس. تنهن تي بچيرا پنهنجا سڀ ماڻهو وٺي قلعي مان نڪري ڪشمير

جي جبلن ڏي ھليو ويو. چچ وري قلعو والاريو ۽ ملڪ
جو مالڪ ٿي ويھي رھيو.

چچ ھڪڙو نائب مقرر ڪري پاڻ اڳتي ھلي ٿو

جڏھن چچ ملتان جو قلعو ورتو تڏھن ھڪڙي ٺڪر
کي پنھنجو نائب مقرر ڪري پاڻ ھڪڙي مڙھيءَ ۾ ويو
جا ڪنھن گوشائيءَ ھنڌ ھئي ۽ اتي بت جي اڳيان
سجدو ڪيائين ۽ قربانيون ڪيائين ۽ پوءِ اڳتي ھليو.
برھمپور، ڪرور ۽ اُشھر جي حاڪمن سندس سلام ڪيو
۽ پوءِ اتان ھلي ڪيھ يا ڪُنبا ۽ ڪشمير جي سرحد تي
آيو. انھي ساري رستي ۾ ڪو به ساڻس سامھون نه ٿيو،
۽ ڪٿي به ڪا اٽڪ يا روڪ نه ٿيس. اھا ڳالھ بلڪل
سچي آھي ته جڏھن خدا تعالىٰ ڪنھن ماڻھوءَ کي وڏو
ڪرڻ گھري ٿو تڏھن ھن جي لاءِ سڀ مشڪلاتون آسان
ڪيو ڇڏي ۽ سندس سڀ مرادون پوريون ڪري ٿو.
جنھن به ھنڌ تي آيو سو سندس پيش ٿي پيو. انھي طرح
سو پارو ٿيندو شڪلھار جي قلعي تائين آيو جو ڪيھ يا
ڪنبا شھر جي مٿان ڪشمير جي سرحد تي آھي. اُتي
ھو مھينو کن رھي پيو. انھي عرصي ۾ آس پاس وارن
ملڪن جا حاڪم اچي سندس تابعدار ٿيا ۽ ڪن خوشيءَ
سان سندس آڻ مڃي ڪيس اول ڏنا. انھن ھنڌن جي
حاڪمن ۽ اميرن تي ھن ڪي خاص شرط پڌا، جنھنڪري

بادشاهت جو انتظام بلڪل مضبوط ۽ قائم ٿي ويو. پوءِ هن به وطن جون چڪيون گهرايون، هڪڙي سرو جي ۽ ٻي ديال جي. اهي هن ڪشمير جي دنگ تي پنجاب ماهيار نالي نهر جي ڪناري تي رکايون، جا ڪشمير جي ٽڪرن کي ولاڄهي آهي ۽ جبل مان نڪري ٿي. هو تيستائين اتي رهيو جيستائين انهن وطن جون ٽاريون ڦاٽ ۾ اچي گڏيون. پوءِ هو اتان نڪتو ۽ چوڻ لڳو ته "هيءَ اسان جو ۽ ڪشمير جي راءِ جو دنگ آهي ۽ انهي کان پرتي نه وڃبو."

ڪشمير جي سرحد تي حد نشان قائم ڪري ڄچه موٽي ٿو

هن فتح جو بيان ڪندڙ لکي ٿو ته جڏهن ايرندي واري حد قائم ڪئي وئي تڏهن ڄچه اتان موٽيو ۽ الور شهر ۾ آيو. اتي هو هڪ ورهه رهيو ۽ سفر جو ٿڪ ڀڳائين ۽ انهي وچ ۾ جنگ جا گهڻا هٿيار ۽ ٻيو سامان گڏ ڪيائين. پوءِ هن پنهنجي وزير کي چيو ته ايرندي واري حد جو هميشه منهنجي دل تان بار لٿو. هاڻي اسان کي ڏکڻ جي خبر رکڻ کپي." وزير چيو ته "برابر، بادشاهن جي تمام جڳهين عادتن مان هڪڙي اها آهي ته پنهنجي ملڪ جي ڪمن بابت هميشه پڇا ڪندا رهن. امڪان آهي ته حضور جن جي غير حاضريءَ ڪري ڏکڻ وارن مٿين ڀاڱن

جي حاڪمن ۽ اميرن جي مغرور اهو خيال پيدا ٿيو هجي ته راءِ ساهسيءَ کان پوءِ اسان کان ڏل وٺڻ وارو ڪو نهي. آتي فساد ۽ زبردستي بيشڪ ظاهر ٿي هوندي."

پوءِ ڪڏهن سپاڳي گهڙيءَ ۾ چچ مُدا پور (يا ٻُڏاپور) ۽ سيوستان جي قلعن وارن شهرن ڏي روانو ٿيو. سيوستان جي قلعي ۾ هڪڙو حاڪم هو، جنهنجو نالو مَتّ هو. چچ پڪو ارادو ڪري مهران جو درياهه وهتايت (يا دهايت) نالي ڳوٺ وٽان لنگهي هن پر ٿيو. اهو ڳوٺ سمه ۽ الور جي وچ جي حد آهي. اُتان هو ٻُڌيه ڏي هليو. انهي وقت اتي جو حاڪم بسرڪوتد ولد بهندر ڪوٽڪو هو ۽ سندس گادي جو هنڌ ڪاڪاراج هو. اُتي جا ماڻهو انهيڪي سويس (يا سوس) سڏيندا هئا. چچ انهن تي ڪاهي هليو ۽ سويس جو قلعو فتح ڪيائين. ڪاتر (يا ڪبا) ولد ڪاڪم نڪري اچي پيش پيو ۽ پنهنجي پيءُ ۽ سندس ماڻهن لاءِ پناهه گهريائين. هن ٻاڻ تي ڏل قبول ڪئي ۽ سيڪي چچ جي آڻ مڃي.

لشڪر سيوستان ڏي وڃي ٿو

اُتان چچ سيوستان ڏي هليو. جڏهن هو اُنهي شهر کي ويجهو آيو، تڏهن اُتي جو حاڪم مَتّ گهڻو لشڪر ساڻ ڪري وڏي تجمل سان اچي چچ سان وڙهيو، پر چچ فتحمند ٿيو. مت پنهنجي لشڪر سميت ڀڄي وڃي

قلعي ۾ لڪو. چچ انهيءَ کي گهيرو ڪري وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. هفتي ڪان پوءِ قلعي وارا بي همت ٿي پيا ۽ پناهه گهرڻ لڳا ۽ جڏهن جان بچڻ جو پڪو انجام مليُن تڏهن نڪري آيا ۽ ڪوٽ جون ڪنجيون چچ جي عملدارن جي حوالي ڪيائون، جن هنن کي پناهه ڏني ۽ مهرباني ڏيکاري. چچ اتي جي حڪومت وري ۾ مٿن کي ڏني ۽ پنهنجن معتبر ماڻهن مان هڪڙي کي پنهنجي طرفان شاهد يا ڪوتوال مقرر ڪيائين. هو ٿورا ڏينهن اتي رهيو جيسين اتي جو انتظام چڱي طرح بيٺو ۽ وري شهر ۾ صلح سانت قائم ٿي.

چچ هڪڙو قاصد برهمڻ آباد ۾ اگهم لوهاڻي ڏي موڪلي ٿو

جڏهن سيوستان جو ڪم فيصل ٿيو ۽ اتي جو انتظام پورو ٿيو تڏهن چچ برهمڻا باد جي راجا اگهم لوهاڻي ڏي سندس آڻ مڃڻ لاءِ حڪم موڪليو. اهو لاکا، سما ۽ سهتا قومن جو حاڪم هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ هن جيڪي پهري وارا مڪران ڏي ويندڙن رستن تي ٻاريا هئا تن هڪڙي ماڻهوءَ کي پڪڙيو جو اگهم جو خط سيوستان جي حاڪم متر ڏي کڻيو ٿي ويو. انهي ۾ هيٺين لکيل هو ته ”آءٌ هميشه تنهنجو دوست ۽ خير خواهه ٿي رهيو آهيان ۽ ڪڏهن ۾ تنهنجي برخلاف نه هليو آهيان ۽ نه تو سان وڙهيو آهيان.

SOORIH SINDHI ADAB

تو جيڪو خط دوست تي مون ڏي لکيو هو سو مون کي مليو. انهي ۾ تو مونکي خاطري ڏني هئي ته جيسين پنهنجي دوستي ۽ پنهنجو اتفاق قائم هوندو تيسين ڪوبه دشمن اسان کي ويجهو نه ايندو. آءٌ تنهنجن حڪمن بجا آڻڻ ۽ تنهنجي مرضيءَ موجب هلڻ لاءِ تيار آهيان. تون راجا آهين ۽ راجا جو پٽ آهين. اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ پورو اتفاق آهي. گهڻن ماڻهن تي اهڙيون مصيبتون اچي ڪڙڪيون آهن، جنڪري هنن لاچار ٿي ڀڄي وڃي ڪٿي پناهه ورتي آهي. برهمن آباد جي بادشاهت جي حدن اندر سمنڊ تائين ۽ ديبل تائين جيڪو به شهر توکي پسند اچي اُتي تون ڀلي وڃي رهه. جيڪڏهن تنهنجي مرضي ڪڏهن ٻئي هند وڃي رهڻ جي هجي ته ڪوبه توکي روڪيندو يا ستائيندو ڪين. مون وٽ ايترو لشڪر ۽ ايترا ماڻهو حڪم ۾ آهن جي توکي مدد ڪري سگهندا." پرمتر هند ڏي نرمل جي بادشاهت ۾ وڃي رهڻ پسند ڪيو، جنهنکي پتي چوندا هئا.

چچ اگهم لوهاڻه ڏي آڻ مڃڻ لاءِ حڪم لکي ٿو

راءِ چچ هيٺيون خط اگهم لوهاڻه ڏي موڪليو ته "اوهين پنهنجي طاقت ۽ ڄمل ۽ اصل نسل جي نظر تي پاڻ کي وقت جو راجا ٿا ڄاڻو. جيتوڻيڪ مونکي هي بادشاهت ۽ هي ملڪ ۽ هي دولت پنهنجي پيءُ ڏاڏي

کان ورثي ۾ نہ مليل آهي ۽ جيتوڻيڪ هي ملڪ اصل اسانجو
نا هي تڏهن تہ ڏاڍي سگهوري جي مهرباني سان منهنجو
نصيب جڳو ٿيو. مون پنهنجي لشڪر جي وسيلي هي
بادشاهي نہ کٽي آهي پر خدا تعالى، جو جهان جو پيدا
ڪندڙ آهي ۽ جنهن جو ڪو بہ شريڪ يا ثاني ڪونهي،
تنهن سلائيجہ جي دعا سان منکي اها ڏني آهي. انهيءَ
کان منکي هر حال ۾ مدد ٿي ملي. ڪنهين بہ پئي ماڻهوءَ
تي مدد جي لاءِ آ؟ تعلق نٿو رهان، نہ ڪنهن پئي ماڻهوءَ
تي. ڏٺي منهنجن سڀني ڪمن جي پوري ڪرڻ وارو
۽ سڀني ڳالهين ۾ مدد ڪندڙ آهي. سڀني جهيڙن ۽
جنگين ۾ منکي فتاح ۽ سوپ بہ اهوئي ٿو ڏئي. انهي
پنهنجي فضل سان اسان تي پنهي جهانن جون برڪتون
عطا ڪيون آهن. جيڪڏهن اوهين پانيو ٿا تہ اوهان
پنهنجي بهادري ۽ همت ۽ تجمل ۽ پين وسيلن سان اها
قوت ۽ دولت حاصل ڪئي آهي تہ بيشڪ اسانجو نصيب
کهاجي ويندو ۽ اوهانجي روح کي موت جي سزا ملندي
جنهنجا اوهين لائق آهيو."

چچ برهمنا باد شهر ۾ اچي اگهم لوهاڻہ سان وڙهي ٿو

تڏهن راءِ چچ اگهم لوهاڻہ تي ڪاهہ ڪئي. اگهم
برهمنا باد مان نڪري پنهنجي ملڪ جي گشت تي ويو هو.

جڏهن هن چچ جي اچڻ جو ٻڌو تڏهن برهمڻاباد موٽي آيو ۽ سپاهي ۽ هٿيار گڏ ڪرڻ لڳو. جڏهن راءِ چچ برهمڻاباد پهتو تڏهن اگهم جنگ جي لاءِ تيار ٿي ميدان وڙهڻ لاءِ نڪري آيو. جڏهن ٻنهي پاسي ناميارا بهادر مارجي ويا تڏهن اگهم جو لشڪر اُٿي ڀڳو ۽ پاڻ اچي قلعي ۾ لڪو. چچ ڪٽي انهيءَ کي گهيرو ڪيو. هڪڙي ورهه تائين هنن ٻنهي جي وچ ۾ جنگ پئي هلي. انهيءَ عرصي ۾ هندستان يعني قنوج جو راجا سيار (يا ستبار) پٽ رائل راءِ (يا راسل راءِ) جو هو. اگهم انهيءَ ڏي مدد جي لاءِ خط موڪليا. پر انهن جي جواب اچڻ کان اڳي اگهم مري ويو ۽ سندس پٽ گاديءَ تي ويٺو. اگهم جو هڪڙو راهب دوست هو جنهن جو نالو سمني ٻڌ گوئي (يا ٻڌ راکو) هو يعني ٻڌ جو پوڄاري. ماڻهو چوندا هئا ته هو ڪرامت وارو آهي ۽ هن جي حياتيءَ ڪري ڪو به نقصان رسي نٿي سگهيو. هن کي هڪڙو ٻُتخانو يا مڙهي هوندي هئي، جنهن کي ٻڌ نوهار چوندا هئا. انهيءَ ۾ گهڻائي بت رکيل هوندا هئا. اهو اتي جي راهبن مان وڏو هو ۽ عبادت ۽ رياضت جي ڪري مشهور هو ۽ انهيءَ پاسي جا سڀ ماڻهو سندس حڪم ۾ هوندا هئا. اگهم انهيءَ کي پنهنجو مرشد ڪري ورتو هو.

جڏهن اگهم اچي قلعي ۾ لڪو تڏهن سمني اچي ساڻس

مدد گار ٿيو پر جنگ ۾ شامل نہ ٿيو. هو پنهنجي مڙهيءَ ۾ ويهي پڙهڻ لڳو. جڏهن اگهم مري ويو ۽ سندس پٽ گاديءَ تي ويٺو تڏهن سمنيءَ کي اهو انتظار ٿيو تہ متان جيڪي جائدادون ۽ ملڪيتون سندس هٿ ۾ هيون سي نکري وڃن. انهي مونجهاري ۾ هو ڪتابن مان پنهنجو نصيب ڏسڻ لڳو ۽ معلوم ٿيس تہ بادشاهي چچ کي هٿ اچڻي آهي، پوءِ پاڻ چچ جي فائدي ۾ هئجي پيا نہ هئجي. آخر اگهم جي پٽ تي ايترو زور اچي پيو جو سندس لشڪر پڄي ويو ۽ پاڻ قيد ٿيو ۽ قلعو چچ جي هٿ آيو.

سمنيءَ جي نسبت ۾ چچ جو ارادو

جڏهن چچ کي معلوم ٿيو تہ اگهم ۽ سندس پٽ جي سمنيءَ سان پٽدي هئي ۽ هنجي جادو ۽ صلاح مشورت جي ڪري جنگ ورهہ تائين هلي هئي، تڏهن هن قَسم کنيو هو تہ "جيڪڏهن مون قلعو فتح ڪيو تہ سمنيءَ کي جهلي سندس کَلَ لهرائي ڪن نيچ ذات وارن کي ڏيندس تہ اها دهلن ۽ نغارن تي چاڙهين ۽ اها وڄائي وڄائي ڦاڙي پرزا ڪن" جڏهن سمنيءَ کي چچ جي قسم جي خبر پئي تڏهن هو ڪلي جوڙڻ لڳو تہ "چچ جي ڪڏهن بہ اختيار ۾ ناهي تہ مونکي نقصان پهچائي سگهي." ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن

برهمڻاباد جي قلعي وارا ڏاڍي ويڙهه ڪرڻ ۽ گهڻن
ماڻهن مارائڻ کان پوءِ، صلاح ڪرڻ ۽ پناهه گهرڻ لڳا تڏهن
قومن جي سردارن ۽ مکيه ماڻهن جي وسيلي صلاح ٿيو ۽
قلعو چچ جي حوالي ڪيو ويو. چچ الله رکيو ۽ انهن کي
چوڻ لڳو ته "جيڪڏهن اوهين ٻاهر نڪري وڃڻ گهرو
ٿا ته ڪو به اوهان کي نه روڪيندو يا ساهمون ٿيندو. پر
جي اوهين هتي رهڻ گهرو ته ڀلي رهي پئو." جڏهن
اگهم جي پٽ ۽ سندس واسطيدارن چچ جي مهرباني پاڻ
ڏي ڏٺي تڏهن اتي رهي پيا. انهي کان پوءِ چچ کي
ڏينهن شهر ۾ رهي پيو انهي لاءِ ته سماءُ رکي ته هو ڪيئن
هلت ٿا ڪن.

چچ اگهم جي بيوه زال سان پرڻجي ٿو ۽ پنهنجي ڀائٽي اگهم جي پٽ سرهند سان پرڻائي ٿو.

چچ اجا برهمڻ آباد ۾ ئي هو ته هن سرهند جي ماءُ يعني
اگهم جي بيوه زال کي گهرايو. انهيءَ پنهنجي زال
ڪيائين ۽ پنهنجي ڀائٽي داهير (يا دهرسيئن) جي ڌيءُ
اگهم جي پٽ کي ڏنائين. هو اتي هڪ ورهيه رهيو ۽
سرڪاري ڍل اوڳاڙڻ لاءِ ڪي عملدار مقرر ڪيائين ۽
۽ آس پاس جا سڀ سردار ۽ مکيه ماڻهو پنهنجي تابع ڪيائين
پوءِ پڇا ڪرڻ لڳو ته اهو جاد رگرسمي ڪٿي آهي ته

انهيڪي ڏسان. پڇايائونس تہ ”اهو هڪڙو راهب يا مڙهيءَ
وارو فقير آهي ۽ پنهنجن راهبن سان گڏ ٿو رهي. اهو هند جي
فيلسوفن مان آهي ۽ نوبهار مڙهيءَ جو راکو آهي. سڀ
سمني سمجهندا آهن تہ هو ڪامل انسان آهي. جادوءَ ۾
هو اهڙو هشيار آهي جو هن ڪيتري خلق کي پنهنجي
حڪم ۽ عمل هيٺ آندو آهي. پنهنجن طلسمن جي وسيلي
هو پنهنجون سڀ گهرجون پلي سگهي ٿو. ڪيترن
ڏينهن کان هو سرهند جو مددگار آهي، جو سندس پيءُ
سان دوستي هيس. انهيءَ ڪري هو، جو برهمناباد جو
لشڪر هيترو وقت مقابلو ڪندو رهيو هو.“

چچ سمنيءَ کي ڏسڻ وڃي ٿو ۽ هنجي حال احوال جي پڇا ڪري ٿو.

تڏهن چچ پنهنجا سڀ هٿيارن وارا سپاهي پاڻوت
سڏايا ۽ انهنکي هيءَ فهمائش ڏنائين تہ ”پهرين آءٌ سمنيءَ سان
پيو ڳالهائيندس. جڏهن ڳالهائي بس ڪري اوهانڏي
نهاريان تڏهن اوهين پنهنجون تراريون ڪڍجو ۽ هنجي
سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏجو.“ پوءِ هو پڌ ڪندو هاروت
آيو ۽ هنکي هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺل ۽ پنهنجي
شيوا ۾ مشغول ڏٺائين. هٿ ۾ سانحت
گوهل مٽي هيس جنهنمان بت ٺاهيائين. هرهڪ بت

جوڙي انهي تي پڌ جي شڪل جي مهرٽي هڻيائين ۽ پوءِ
اهو ڪڙي پاسي رکي ٽي ڇڏيائين. چاچي اجي مٿان پيئس
ته به سمنڊ هن ڏي ڪوبه ڌيان نه ڏنو. جڏهن هو سڀ
پٽ ڏاهي رهيو تڏهن مٿهن مٿي ڪري چوڻ لڳو ته ”رياضت
ڪندڙ سلائج جو پٽ آيو آهي.“ چاچي وراڻي ڏنيس
ته ”اي سمنڊ ائين برابر آهي.“ سمنڊ پڇيس ته ”تون
هتي ڪهڙي ڪم آيو آهين؟“ چاچي چيو ته ”آءٌ توکي ڏسڻ
۽ تنهنجي ايمانداري ۽ وفاداري پرکڻ آيو آهيان.“ سمنڊ
چيس ته ”ڀلي آءُ.“ چاچي ڀلي آيو. سمنڊ کي ڪم
وڃائي انهن تي هنکي وهاريو. پوءِ پڇڻ لڳس ته ”اي
چاچي، تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟“ چاچي وراڻي ڏنيس
ته ”منهنجي مرضي آهي ته تون منهنجو دوست ٿين ۽
موٽي برهمڻاباد جي قلعي ۾ هلين ته توکي ڪنهن وڏي عهدي
تي مقرر ڪريان ۽ ڪي وڏا سرڪاري ضروري ڪم
تنهنجي حوالي ڪريان. اُتي تون سرهند سان گڏ به
رهندين ۽ انهيءَ کي هميشه پنهنجي صلاح مصلحت جو فائدو
پڌيندو رهندين.“ سمنڊ چيو ته ”مونکي تنهنجي بادشاهيءَ
جي پرواهه ڪانهي. مونکي ڪنهن سرڪاري نوڪري
ڪرڻ جي ۽ دنيا جي ڌنڌن ۾ هٿ وجهڻ جي خواهش
ڪانهي.“ چاچي وري پڇيس ته ”تو برهمڻاباد جو ڪوٽ
جو ڇڏيو؟“ هن وراڻي ڏني ته ”جڏهن اڳهه لوهاڻو

مري ويو ۽ هو جو ڪر سندس پٽ ٻيءَ جي مرڻ جو ڏک
ڪرڻ لڳو تڏهن مون هنکي صبر ڪرڻ لاءِ نصيحت ڪئي
۽ ٻوءِ هميشه خدا کان دعا گهرندو ۽ اهو سوال ڪندو اچان
ته پنهنجي طرفن جي وچهر صلاح ۽ دوستي قائم ٿئي. باقي
منهنجي جند جي لاءِ پٽ جي سيوا ڪرڻ ۽ ٻئي جهان جو
ڇوٽڪارو ڳولڻ دنيا جي مشغولين کان بهتر آهي. پر جڏهن
تون هن بادشاهت جو راجا آهين تڏهن تنهنجي حڪم
موجب آءٌ لڏي ڪوٽ کي هلي وڃڻو رهندس،
جيتوڻيڪ هنکي ڊپ آهي ته ڪوٽ ۾ رهندڙ ماڻهو پٽ جي
ٻوڪن کي نقصان پهچائيندا. اچ جاچڪ وڏو ماڻهو آهي ۽
دولتمند آهي." جاچڪ چيو ته "پٽ جي سيوا ڪرڻ چڱو
ڪم آهي، پر جيڪي توکي گهربل هجي يا جيڪو عرض
توکي ڪرڻو هجي سو ڪر ته اهو آءٌ قبول ڪريان ۽ ائين
ڪرڻ سان پنهنجي لاءِ خوشي ۽ عزت حاصل ڪريان."
ناسڪ يعني راهب ورندي ڏني ته "مُنکي ڪنهن به دنيائي
شيءِ جي گهرج ڪانهي ۽ نه ڪو دنيائي عرض منکي ڪرڻو
آهي. شل ڏڻي توکي هن جهان جي ڪمن جو شوق ڏئي."
جاچڪ چيو ته "منهنجو ٻاهوئي عرض آهي ۽ منهنجي مرضي
آهي ته اهڙو ڪو ڪم ڪريان جنهنجي بدلي ۾ مونکي
ڪو روحاني فائدو ۽ ڇوٽڪارو حاصل ٿئي. اهو مونکي
پڌاءِ ته آءٌ توکي مدد ڪريان." سمنيءِ چيو ته

"جڏهن تو خير جي ڪم ڪرڻ لاءِ پڪو ارادو ڪيو تڏهن توکي معلوم هجي ته هيءُ پنوهار جي مڙهي هڪڙي، قديم ڏرمي جاءِ آهي. زماني جي گردش کان انجا ڪي پاڳا ضعيف ٿي ويا آهن، اهي وري جوڙائڻ گهرجن. توکي، لازم آهي ته پنهنجي خرچ سان انهيءَ جو نئون بنياد وجهين. فقط اهي ڪم ۾ مونکي تنهنجي مدد گهرجي." چچ چيو ته "آءٌ تنهنجو گهڻو احسانمند آهيان."

چچ برهمناباد ڏي وڃي ٿو

تنهنکان پوءِ چچ اُتان موٽي برهمناباد آيو. تڏهن وزير چوڻ لڳس ته "اي راجا، مون هڪڙي عجب جهڙي شيءِ ڏٺي آهي." چچ پڇيس ته "ادا ڪهڙي آهي؟" وزير چيو ته "حضور جن هتان پڪو ارادو ڪري نڪتا هئا ته پنهنجن ترارين وارن جي هٿان ناسڪ کي مارائيندا، پر جڏهن هنجي روبرو ويا تڏهن ان تي راضي ٿي سندس عرض قبول ڪري آيا." چچ چيو ته "ائين برابر آهي. مون اُهو ڪي ڏٺو جنهن ۾ نه ڪو جادو ۽ نه ڪا همت نا ٿي هئي. مون ڏاڍي ڏيان سان ڏٺو پر انهيءَ جو ڪو به نشان نظر نه آيم. جڏهن آءٌ هن وٽ ويهي رهيس تڏهن مون مٿان هڪڙي خوفناڪ شڪل بيٺل ڏٺي. انهيءَ اکين ۾ ڪاوڙ جي ڪري باهه ڏسڻ ۾ آئي ۽

انهيءَ جا چپ ٿلها هئا ۽ ڏند پان جهڙا نوڪدار هئس.
انهيءَ کي هٿن ۾ هيري جهڙا ٽڪا ۽ جهنڊ ڙلوهه جا گرز هئا،
جي هن ٻي لوڏيا جڏهن ته اهي ڪنهن کي هٿن تي گهرپائيين.
اها شڪل ڏسي آءٌ ڏڄي ويس ۽ انهي سان ڪي ڪين
ڳالهائي سگهيس ته متان تون پڌين. مون ٿورو دل ۾ خيال
ڪيو ۽ اُنهي ڏي ڏيان ڏئي نهاريو، پوءِ اٿي هليس."

چچ برهمناباد ترسي پوي ٿو ۽ ڍل ٻڌي ٿو.

تنهنکان پوءِ چچ برهمناباد جي قلعي ۾ ترسي پيو،
انهيلاءِ ته انهي پاسي جا ڪم ڪار فيصل ڪري ۽ خزاني
۾ اچڻ جهڙيون رقمون مقرر ڪري ته رعيت جي سکر جو
پورو بندوبست ٿي وڃي. هن جٽن ۽ لوهاڻن کي ٻي آبرو
ڪيو ۽ انهنجي چڱن مڙسن کان ضامن ۽ اولون ورتائين
۽ انهنکي قلعي ۾ بند رکيائين. انهن ماڻهن تي هن هي
بندش جهڙا شرط مقرر ڪيا ته هو تراريون نه ڪڍن، سواءِ
تمام ضروري وقتن جي؛ ڪتن جا ڪپڙا ڍڪين، ململ
يا ريشم جو ڪپڙو اصل ڪم نه آڻين؛ سُت جا بوچڻ
ڪاري يا ڳاڙهي رنگ جا ڪم آڻين؛ گهوڙن تي
هنن کان سواءِ چڙهن؛ هميشه مٿي اُگهاڙا ۽ پيرن اگهاڙا
گهمن؛ جڏهن گهرن کان ٻاهر نڪرن تڏهن پاڻ سان
ڪتا وٺي نڪرن؛ برهمناباد جي حاڪم کي باهه ۾ پارڻ
جون ڪاٺيون پهچائيندا رهن؛ سونها ۽ جاسوس ٿي

هنن جي نوڪريءَ ڪن، جي انهن ڪمن ۾ هُشيار ۽ چالاڪ هئا، ۽ انهن ۾ جي ڪي ڏيکاري ۽ نالو ڪڍيو ته ڪين ايماندار ۽ معتبر شمار ڪيو ويندو. هو راجا اڳ جي پٽ سرحد سان سازش ۾ رهندا ۽ انهيءَ کي مدد ڪندا رهندا؛ ۽ جڏهن ڪو دشمن ملڪ تي ڪاهي اچي تڏهن انهيءَ جو طرفدار ٿي وڙهڻ پنهنجو فرض سمجهن. انهيءَ طرح چچ سڀ انتظام ۽ بندوبست بلڪل پوري طرح ڪري پنهنجي بادشاهي پڪي طرح جمائي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو نافرمان يا مغرور يا ڏنگو ٿي ٿيو ته انهيءَ کان مضبوط ضمانت ٿي ورتائين. انهيءَ قسم جي ڪن ماڻهن سان هن ٻي طرح به هلت ٿي ڪئي. اُها هيءَ ته انهن کي آبرو وارو عهدو ٿي ڏنائين. انهيءَ طرح سڀ قسم جو بندوبست پورو رکيائين.

راءِ چچ ڪرمان جي پاسي وڃي ٿو ۽ مڪران جون حدون قائم ڪري ٿو.

جڏهن چچ اهي سڀ ڪم ڪري رهيو تڏهن ڪرمان جي حدن جي ڳڻتي تنهن لڳيس. اهو پاڳو هند جي راجائن جي ملڪ سان ڏنگيءَ هو، تنهن ڪري سندس مرضي هئي ته اتي جو ڏنگ به نروار ڪري ڇڏي. اهو ٻيو هجري سال هو. فارس (ايران) جي بادشاهه هرمز

جي پٽ ڪسريٰ جي مرڻ کانپوءِ بادشاهي مڪڙي زال
کي ملي. جڏهن چچ کي اها ڳالهه معلوم ٿي تڏهن پاڻ
ساڻ مڪڙو وڏو لشڪر وٺي ڪرمان جي پاسي هليو.
ٽيجو ميين کان سياڳو وقت ڪڍائين انهي ۾ هو ارمن بيل
ڏي روانو ٿيو. اهو شهر تڏهن سمٿي پڌ جي هٿ ۾ هو،
جو هند جي راجا راءِ سهرس جي نائبن جي اولاد مان هو،
جنهنکي راءِ سخدن ايمانداري ۽ وفاداريءَ جي ڪري چاڙهيو
هو. ڪنهن عرصي کانپوءِ هو باغي ٿيو ۽ ڦري سخدس
مخالف ٿيو. اهو هاڻي راءِ چچ جي استقبال لاءِ نڪري
آيو. جڏهن چچ کي هنجي ايمانداري ۽ وفاداريءَ جي
خاطري ٿي، تڏهن ٻنهي جي وچ ۾ محبت ۽ دوستي
قائم ٿي. چچ مڪران جي پرڳڻي ڏي هليو رستي ۾
جيڪو حاڪم ٿي آيس تنهن سخدس آڻ ٿي مڃي.
جڏهن هو مڪران جي ٺڪرن ۽ اپ ڪيپري لاڙهي
کان نڪري پاهر ٿيو تڏهن ڪرجي پرڳڻي ۾ قدم
رکيائين. انهي شهر ۾ مڪڙو جهونو قلعو هو جنهنکي
ڪنبار (يا ڪنگ يا ڪنا ربور) چوندا هئا. اهو هن
ورتو ۽ حڪم ڪيائين ته انهيکي وري نئين سر جوڙجي.
اتي اهو بندوبست ڪيائين ته هند جي دستور موجب
شام جي وقت ۽ پرهه ڦٽي وقت ڪوٽ ۾ نغارا ۽ نوبتون

SOORIH SINDHI ADAB

ٻيا ساز گڏي وڃائجن. هن آس پاس وارن ڳوٺن جا
ماڻهو گڏ ڪري قلعي جوڙڻ جي ڪم ۾ لڳا يا. پوءِ هو
اتان نڪري ڪرمان ڏي هليو. ڪرمان ۽ مڪران جي
وچ ۾ هڪڙي ننڍي ندي يا نهر هئي اتي هن منزل ڪئي
ايرندي واري حد قائم ڪرڻ جي ارادي سان حڪم ڪيائين
ته ڪي ڪجهيءَ جا وڻ، جي اتي بيٺل هئا، سي ڪرمان ۽
مڪران جي وچ جي حد سمجهڻ گهرجي. انهي ڪانسواءِ
انهي نديءَ جي ڪناري تي هڪڙي هنڌ ڪجهيءَ جي وڻ
جو ڳهات پوکايائين ۽ انهن جي ٿڙن ۾ هيٺيان لفظ لوهه تپائي
داغ ڪرڻ سان نشان ڪرايائين ته ”هيءَ حد سنڌ جي راجا
چچ ولد سلائج ولد بساس جي راڄ ۾ هئي ۽ اڄ اها
اسانجي قبضي ۾ آئي.“

چچ پٽ سلائج جو ارمائيل ڏي وڃي ٿو ۽ اُتي ڊل مقرر ڪري ٿو

اتان چچ موٽي ارمن بيل ۾ آيو ۽ توران جي پرڳڻي مان لنگهي
بيابان ۾ آيو ۽ انهي وچ ڪنهنکي به همت نه ٿي ته سامهون وڙهي،
تان جو هو قندائيل (يا قندابيل) ۾ آيو جنهنکي قندهار
۾ چوندا هئا. ماٺڙيءَ ڪان وٺي انهي هنڌ جي آس پاس
جيڪو ميدان هو انهي تائين چچ تياري ڪرڻ لڳو ته شهر

SOORIH SINDHI ADAB

تي اوچتي ڪاھہ ڪري، پر ماڻھن اڳئي وڃي قلعي ۾ پناھہ ورتي. جڏھن ھو سنڌي (يا سمني) ندئ تي آيو تڏھن منزل ڪري لھي پيو. جڏھن ماڻھو تنگ ٿيا لڳا تڏھن اچي پيش پيا ۽ پاڻ تي اھا ڏل ھموار ڪيائون ھرسال ھڪ سؤ جبل جا تتون ۽ ھڪ لک درم ڏيندا رھندا ھڪڙي سال جي ڏل ھڪن بروقت ڏني. پنوء عھد نامہ ڪري چاچہ موتي الور ۾ آيو ۽ پنھنجي مرڻ گھڙيءَ تائين اتي رھيو. ھنجو راج چاليھہ ورھہ ھليو.

SOORIH SINDHI ADAB

....

١ کان ٤٠ صفحي تائين آوتراءِ پرسرام گلراجاڻي "ڪرشنا" پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپي پڌرو ڪيو ۽

٤١ کان ٦٠ تائين جيٺمل پرسرام گلراجاڻي "بلٽوتسڪي" پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپي پڌرو ڪيو.

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488